# دلدار وڏي شيءِ آ

سجاد ميراڻي

 www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (147) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”دلدار وڏي شيءِ آ“** پريالوءِ ضلع خيرپور سان تعلق رکندڙ خوبصورت شاعر سجاد ميراڻيءَ جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ پاران سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي وٽان 2006ع ۾ ڇپايو ويو. هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ سميع سجاد ميراڻي ۽ عبدالجبار شيخ ڪئي آهي. اسان ٿورائتا آهيون سائين عبد الجبار شيخ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

www.sindhsalamat.com

# دلدار وڏي شيءِ آ

## (شاعري)

## سجاد ميراڻي

ڇپائيندڙ
سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ

www.sindhsalamat.com

سيئي حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | دلدار وڏي شيءِ آ |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر جو نالو: | سجاد ميراڻي |
| ڪمپوزنگ: | عمران علي ميراڻي ڊڪ روڊ سکر |
| اي ڪمپوزنگ: | سميع سجاد ميراڻي ۽ عبدالجبار شيخ |
| پيسٽنگ: | قمر الزمان گهانگهرو |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ |
| ڇاپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي |
| ڇاپو: | پهريون |
| تعداد: | 10000 |
| سال: | 2005ع |
| قيمت: | 100 روپيا |

# ارپنا

- ڪجين انبن، ڪيلن ۽ گلابن جي شهر” پرين جي لوءِ“ جي نانءِ جنهن جي جهوليءَ ۾ منهنجو جيون گذري ٿو.
- ڀٽائيءَ ڪان اڳ جي نالي واري ڪلاسڪي شاعر شاهه لطف الله قادريؒ ۽ مخدوم محمد اسماعيلؒ جي نانءِ جن جو تعلق پڻ پرياوءِ سان آهي.
- مرحوم پياري بابا سائين علي بخش ميراڻيءَ جي نانءِ ، جنهن مونکي پيءُ سان گڏ ماءُ جهڙو پيار ڏئي پاليو.
- سائين سليم ڳاڙهوي، سائين حليم سنڌي ۽ سائين نثار بزميءَ جي نانءِ جن مون ڪي شاعريءَ جا گُر سيکاريا.
- پيارن دوستن هريش ڪمار، ڪلياڻ جي نانءِ جن جي سونهن سوڀيا ۽ پيار منهنجي ڪوتا کي قوت ۽ جلا بخشي.
- پرياوءِ جي ڏات ڌڻين ۽ سنن دوستن نور احمد ميمڻ چيئرمين سنڌيڪا اڪيڊمي، سرمد سنڌي، شڪيل پرياوي، شهر جي هڏ ڏوکي ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ، عبدالله بابو ميمڻ، مخدوم شمس، صغير، سعيد سومرو، رفيق مهر، ۽ عبدالرؤف ميمڻ (ڊينٽسٽ) ۽ ٻين دوستن ۽ ساٿين جي نانءِ جن جي صحبت ۽ سنگت ۾ رهي مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو.
- پنهنجي گهرواريءَ جي نانءِ جنهن ڏک سُک ۾ منهنجو ساٿ ڏنو ۽ دلجاءِ ڏني.
- بلقيس ۽ عطاءُ الله ميراڻي ۽ ٻين پنهنجن ٻچن جي نانءِ جيڪي مونکي بابا با ڪري اچي چنبڙن ٿا ۽ منهنجي دل ٺارن ٿا.

**سجاد ميراڻي**





## ليکڪ جو تعارف

| | |
|---|---|
| اصل نانءُ: | **غلام حسين** |
| ادبي نانءُ: | **سجاد ميراڻي** |
| والد جو نانءُ: | **علي بخش ميراڻي** |
| جنم: | 1-3-1956ع |
| جنم جو هنڌ: | **پرياوءِ** |
| تعليم: | **ايم. اي. (سنڌي ادب) ايم ايڊ** |
| پيشو: | **استاد** |
| پتو: | **پوسٽ آفس پرياوءِ ضلع خيرپور ميرس** |

## ستاءُ


| | |
|---|---|
| مهاڳ | تاجل بيوس |
| پبلشر جو نوٽ | |
| پنهنجي پاران | سجاد ميراڻي |
| گلابن جو هڳاءُ رکندڙ سجاد | ادل سومرو |
| لفظن جو ساٿ وڏي آٿت آهي | امر سنڌو |
| منهنجو نندڻ جو دوست | نور احمد ميمڻ |
| ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي | هريش ڪمار آرڏوميجا |
| پيار کي سڀ ڪجهه سمجهندڙ بابا | سميع سجاد ميراڻي |
| سجاد اڪيلي تي | مسز سجاد ميراڻي |
| نفيس انسان سجاد ميراڻي | مخدوم شمس |
| وايون | |
| غزل | |
| نظم | |
| ٻه سٽا | |
| ٽه سٽا | |
| چوسٽا | |
| رنگن جو شاعر سجاد ميراڻي | وسيم سومرو |
| ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ جڳو شاعر | امر اقبال |
| سرمد ۽ بيدل جي مسلڪ جو شاعر | قدير انصاري |
| ريشم جا ٿان اڪلي رهيا آهن | شوڪت نوناري |
| گلابن جي شهر جو شاعر | سميع ڪنڊر |
| سجاد هڪ اديب، شاعر | ڪي ايل ڪندن |




www.sindhsalamat.com


| | |
|---|---|
| سچ ۽ سونهن جو شيواڌاري سجاد | ڪلياڻ ڪٿهڙا |
| حساس جذبن جهڙو شاعر | جاويد پنهور |
| پيار ۽ حق سچ جا گل چُٽيندڙ سجاد ميراڻي | مير صوبدار سعيد |
| سجاد نواڻ جي هٻڪار آڇي ٿو | حسن شيخ |
| سجاد، شاهه لطف الله قادريءَ جي پيرن جي خاڪ | شڪيل پريالوي |
| سچ، سونهن ۽ سنڌ جو شاعر | شاڪر سولنگي |
| سجاد ميراڻي سنڌي شاعريءَ ۾ | حاجي احمد ملاح |
| جهڙي شاعري جا رنگ | نياز نديم |
| ها! پيار وڏي شيءِ آ | معصوم ميراڻي |

www.sindhsalamat.com

# مهاڳ

سنڌ جو سيبتوءِ ڏاهو شاعر

## سجاد ميراڻي

ادب جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو زمانو به هيو. جڏهن ادب جي وصف،” ادب جو ادب لاءِ هئڻ“ ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ” ادب جو وندر ۽ تفريح لاءِ هئڻ“ تيڻ لڳي هئي. اسان جي ئي زماني ۾، ڪشنظند بيوس جهڙا استاد شاعر پاڻ سان شاعريءَ جي روپ ۾ جڏهن ترقي پسند روپ ڪٽي آيا هئا. تڏهن ادب جي وصف ۾ انقلاب اچي ويو ۽ پوءِ ادب جي وصف ” ادب جو زندگيءَ لاءِ هئڻ“ تيڻ لڳي هئي. هن وقت، ادب کي ڪسوٽيءَ جي اجان ڪنهن بئي آئيني ۾ ڏٺو وڃي ٿو، جنهن جوو خاص سبب قومن، سماج، انساني ماڻن، مڪانن ۽ ملڪن جو تي ارتقا ۽ اوسر جون منزلون ثابت ٿيون آهن. جي آه: غير ترقي يافته سماج يا ملڪ، ترقي پذيرملڪ ۽ ترقي يافته ملڪ. انگريزيءَ ۾ ، اهڙيم منزلن يا مرحلن کي اندر ڊيولپڊ، ڊويلپنگ ۽ ڊيولپڊ چيو وڃي ٿو. ترقي، اوسر ۽ ارتقا جي اهڙن بنيادن تي، هن وقت ادب جي وقصف هن طرح ڪري سگهجي ٿي. ” ادب جو سماجي، معاشي، فني، اصلاحي، سياسي ۽ معروضي تبديلين يا انقلاب هئڻ“ مطلب ته اهو سڀ ڪجهه ادب جي سماجي ڪارج (Social Utility) جو ئي نتيجو آهي. جنهن مان هن وقت جا سماجي، سياسي ۽ حڪمراني ڪارڪن ۽ اڳواڻ رهبري حاصل ڪري، سماج کي ترقيءَ جي مرحلي يا منزل مان بئي مرحلي تي پهچائن ٿا.



www.sindhsalamat.com

هن وقت منهنجي اڳيان پرينءِ جي لوءِ جي ساعر سجاد ميراڻيءَ جو شعري مجموعو” **دلدار وڏي شيءِ آ**“ آهي. جنهنکي غور سان پڙهڻ کان پوءِ ، سندس شاعريءَ ۾ چڱيءَ حد تائين سماجي ڪارج ملي ٿو. خزاص ڪري زميني هڳاءَ وارن قدرن، استحصالي طبقن جي نشاندهي ڪري، ڪين پڌرو ڪرڻ، علامتي قدرن واري شاعري ۽ عشق مجاز واريون رمزون ۽ راز، اچو ته سجاد ميراڻي جي ادبي پورهئي ۾ ذڪر ڪيل قدر ڳولهيون:

### زميني هڳاءَ واري قدرن جي شاعري:

هن قسم جي شاعري پنهنجي ڌرتيءَ ۽ فرد جا ادارا تي وجڻ وارين شخصيتن سان پيار ۽ احترام سيڪاري ٿي.سجاد ميراڻيءَ جي شاعريءَ مان زميني هڳاءَ جا اجهو هن طرح مثال ملن ٿا.

رات جي راڻي ۾
ڪيڏي خوشبو آ
پنهنجي ڌرتيءَ جي
اَنَ ۽ پاڻيءَ ۾
ڪيڏي خوشبو آ
سنڌوءَ جي ڪپ تي
لئي ۽ لاڻيءَ ۾
ڪيڏي خوشبو آ

❖

هوشو واري هشمت رک تون
سنڌڙيءَ سان محبت رک تون
”مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون“
اهڙي همت ، غيرت رک تون

❖

ڪوبه تنهنجو ڪونه آ ثاني لطيف!
شعر تنهنجو آهي لاثاني لطيف!
بيت تنهنجا آيتون قرآن جون،
نانءُ تنهنجو آهي لافاني لطيف!

❖

دلدار وڏي شيءِ آ
ها پيار وڏي شيءِ آ
ماڻهو تہ متيءَ جو
ڪردار وڏي شيءِ آ
هي سونهن ۽
سوڀيا جو
سنسار وڏي شيءِ آ

❖

## استحصالي قوتن جي نشاندهي ڪرائيندڙ قدر:

هر سماج ۾ طبقات جو وچايل چار ضرورنظر اچڻ لڳندو آهي. جنهن ۾ انساني فطرت سان گڏ، گمراهي جو عنصر بہ شامل هجي ٿو. اهڙا طبقا پنهنجن ذاتي مفادن ڪي مٿيرو رکي استعمال ڪندا رهندا آهن. جيئن اسان وٽ ڪلهہ پاٽي، ساليانی آمدني، محصول جي ادائگي ۽ سرڪاري نوڪرين ملن بابت وڏي پئماني تي استحصال ٿي رهيو آهي. سجاد ميراڻي، اهڙن منفي ڪردارن جي اجهو هن طرح نشاندهي ڪئي آهي.

سرتي! سينڌ! نہ ڊاهہ
سنڌ جو نقشو ٿو ڊهي
ڪلاچيءَ جي ڪن جا
مانگر سي ماراءِ
سنڌ جو نقشو ٿو ڊهي

❖

ملان، مير، وڏيرو، پير
شايد چئني پيتو ناهي
سنڌو ماتا جو ڪير

❖



www.sindhsalamat.com

هيٺ ڏنل سجاد ميراڻي جي سڄي جي سڄي وڏن قدرن واري سون سريکي وائي آهي. جا وائي استحصالي قوتن جي ڀرپور طريقي سان نشاندهي ڪري ٿي،

ڏاهپ ڪي ڏانوڻ
هوندا هن هر دؤر ۾

سيتا هڪڙي ڪونہ هئي
سيتا ۽ راوڻ
هوندا هن هر دؤر ۾

ڏسي سوچ نہ او چريا
اڪين ۾ ساوڻ
هوندا هن هر دؤر ۾

گوليون، گليلا سنڌ جا
شهر ۽ واهڻ
هوندا هن هر دؤر ۾

سچ ايري شل خير جو
الڪن ۾ آسڻ
هوندا هن هر دؤر ۾

❖

## مجازي قدرن واري شاعري:

انساني ماڻن، مڪانن ۾ هڪڙو عشق ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ تائين محدود هوندو آهي. ۽ ٻيو عشق ڌرتيءَ يا جنم ڀوميءَ سان هوندو آهي، جنهن ۾ جيارڻ ۽ زندگيءَ جي بقا جا وسيلا جيئڻ تہ درياهہ ۽ فصل بہ اچي وڃن ٿا. سجاد ميراڻي جو عشق فرد کان نڪري اڳتي پهچي ٿو ۽ هاڻي ذاتي مفادن بدران، اجتماعي مفادن جي ڳولها ۾ آهي:

❖

انصاف ڪري سگهندين؟
دل صاف ڪري سگهندين؟
مان ڏوهہ مڃان بہ ڪٽي،
تون معاف ڪري سگهندين؟

❖

پرين سونهن جي ڪا سخاوت تہ ڪر
اها عاشقن تي عنايت تہ ڪر
هلي آءُ هلئون سمنڊ پيو تو سڏي
تو چولين سان توري شرارت تہ ڪر

❖

تارا ، چنڊ، ڪتيون
توڏي ميڙ ورتيون
آيو آهيان سانوري!

نفرت جا نتهڻ ۾
اڏي پيار چتيون
آيو آهيان سانوري!

❖



www.sindhsalamat.com

## شاعريءَ ۾ علامتي قدر:

علامت کي انگريزيءَ ۾ (Symbol) سان گڏ (Sign) ۽ (Token) بہ چئبو آهي. علامتون جاندار ۽ بي جان ٿينديون آهن. ٻڪري ۽ شينهن جاندار ۽ گلاب ۽ ڪارو رنگ بي جان علامتون آهن. شينهن طاقت ۽ ڳاڙهو رنگ انقلاب جون علامتون آهن. سجاد ميراڻي چوي ٿو:

مون پنهنجي
دوستن جا
توهر جهڙا لفظ
هڪ گيت سان
ڳهي چڏيا
پر
منهنجي دوستن
منهنجا
ماڪيءَ جهڙا مٺا
لفء
چکي بہ نہ ڏٺا.

❖

هيڏي ساري تي پئي آهين
ڪيڏي پياري تي پئي آهين
تورڙي ڪتڙي، تورڙي منڙي
تورو ڪاري تي پئي آهين
هر ڪنهن تو ۾ اک وڏي آ
سنڌ سونهاري تي پئي آهين.

❖

فڪري ۽ اجتماعي قدرن (Collective Interests) جي لحاظ کان ڏنو وڃي تہ سجاد ميراڻيءَ جا نظم طاقتور ۽ وڏن قدرن واري شاعريءَ (High valued poetry) مثال ٿين ٿا. اهڙا مثال اجهو هن طرح آهن:

منهنجي پاڙي واري
ستي، جتيءَ

مون کي سڏي چيو تہ
رات مون کان پاس ٿيڻ جو
تعويذ وٺي وڃجانءِ
۽ پوءِ مون کي
رات جو
اتي بہ پاس ڪيو ويو
❖.
پاڻ واري وڏيري
پنهنجي ٽنهي
ڏيئرن کان
حق بخشرائي ڇڏيو
مگر بعد ۾
هڪ ڊرائيور سان پڃي وئي
بي ڪاري ڪري ماري وئي
۽ ٿين چري ٿي پئي.

مطلب تہ سجاد ميراڻيءَ جي ساعري پڙهي سنڌي ساعريءَ جي روشن آئيندي ۾ ايمان پختو ٿي وڃي ٿو.

**تاجل بيوس**

بنگلو نمبر,A-62 بلاڪ نمبر A-4
صحافي ڪالوني، گلشن
ڪراچي

تاريخ : 18.5.2005 ع





# پبلشر جو نوٽ

”**دلدار وڏي شيءِ آ**“ سنڌ جي ناليواري شاعر سجاد ميراڻيءَ جي شاعريءَ جو ڪتاب آهي. جيڪو سنڌي ادبي سنگت پرياوءِ پاران ڇپائي اوهان جي هٿن تائين پهچائي .سنگت جو ست سرهائي محسوس ڪري ٿو. هي سنڌي ادبي سنگت جو پرياوءِ جي پاران پهريون ڪتاب آهي. جيڪو سنگت ڇپائي اڪير ۽ محبت سان اوهان آڏو آندو اهي. سنڌي شاعريءَ جي وشال ڪائنات ۾ هي ڪتاب ڪيتري جاءِ والاري ٿو اهو پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا.

جيسيتائين سجاد ميراڻيءَ جو تعلق آهي تہ هي شاعر سنڌ، سچ، سونهن جو شاعر آهي. چوويهہ ڪلاڪ پيار آڇيندڙ، سدائين ڪلمڪ، ڪڙو سچ چوندڙ ۽ ان سان گڏ هڪ سنو انسان پڻ آهي. هي ڪتاب سندس پيار جو پورهيو آهي. جنهن ۾ سندس سمنڊ وانگر ڇوليون ڏئي رهيو آهي. اميد تہ سنڌ، سونهن، سچ سان پيار ڪندڙ ساٿين لاءِ هي ڪتاب لاياٿو ثابت ٿيندو.

سيڪريٽري
**سنڌي ادبي سنگت**
پرياوءِ

## پنهنجي پاران

مان پنهنجي لاءِ صرف سچل سائينءَ جو هي شعر چوندس ته:

ڪو ڪيئن چوي ، ڪو ڪيئن چوي،
مان جوئي آهيان، سوئي آهيان.

جيستائين منهنجي شاعريءَ جو تعلق آهي ته پڙهندڙ ئيمنهنجي شاعريءَ تي راءِ ڏئي سگهن ٿا. باقي شاعريءَ جي ڪتاب ”دلدار وڏي شيءِ آ“ ڇپائڻ ۾ جن دوستن ساٿين مون سان سهڪار ڪيو. منهنجي لاءِ منهنجي شاعريءَ تي پنهنجا رايا/تاثر لکيا مان انهن سڀني جو دل جي گهرائيءَ سان ٿورائتو آهيان.

ٿورا نہ ٿورا مون تي ماروئڙن جا.

انهن ۾ سائين تاجل بيوس ، محترمو امر سنڌو، نور احمد ميمڻ، ادل سومرو، اياز گل، وسيم سومرو، شوڪت نوناري، قدير انصاري، مخدوم شمس،هريش ڪمار، امر اقبال، سميع ڪنڌر، شاڪر سولنگي،نياز نديم، ڪي ايل ڪندن، دليپ ڪمار راجا، مير صوبدار سعيد، ڪلياڻ ڪتهڙا، حسن شيخ، برت ڪمار، جاويد پنوهر، سيد آفتاب احمد شاهه آف مدئجي، ڪاظم ٻڙدي، شڪيل پريالوي، روشن شيخ، عزيز الله نوحاڻيءَ معصوم ميراڻي شامل آهن.

مان سنڌي ادبي سنگت پريالوءِ جي سڄي سٿ جو ٿورائتو آهيان. جن منهنجي شاعريءَ کي ڪتابي شڪل ڏئي پڙهندڙ آڏو پيش ڪيو آهي.

**سجاد ميراڻي**





## گلابن جو هڳاءُ رکندڙ سجاد

سجاد ميراڻي، سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪن واري رُوپ کان وني هڪ شاعر ٿائين ، ڇاتل سڃاتل نالو آهي. پنهنجي ترَ ۽ اُن جي آسپاس ٿيندڙ مشاعرن ۾ هو سدائين نمايان رهيو آهي. محفل ۾ دوستن جي ٽوٽڪن ۽ يوڳن جو مرڪز رهندڙ هِن شاعر ۾ سهپَ ۽ رواداريءَ جا ڪافي گُڻ موجود آهن. شخصيت ۾ پريالوءِ جي گُلابن جو هڳاءُ رکندڙ هِن شاعر جي شاعري ڪجينجي فصل وانگر آهي. ۽ اُها متاثر ڪندڙ ۽ وڻندڙ به ضرور آهي. هن ڪتاب ۾ به سنڌس اهڙي من موهيندڙ شاعري موجود آهي. جنهن کي پڙهي اوهان محسوس ڪندا ته هِن اوهان جي دل جي ڳالهه ڪئي آهي.

**ادل سومرو**
**سکر**

# لفظن جو ساٿ وڏي آٿت آهي

زندگيءَ کان زندگيءَ تائين جي سفر ۾ لفظن جو ساٿ وڏي آٿت آهي. 1994ع جي اپريل جي ڪنهن سام انهن ڏينهن ۾ سجاد ميراڻي، جيڪو پاڻ شاعريءَ جي حوالي سان مون کان گهڻو آڳاهون، گهڻو ڄاتل سڃاتل ۽ گهڻي پختگي رکندڙ ناڻءُ جي حيثيت رکندڙ، نه ڄاڻ اُن شام هن ڇا سوچي مون کي پنهنجي آٽوگراف بڪ جي پني تي ڪجهه لکڻ لاءِ چيو ته مٿيون جملو مون سندس بڪ تي اتاري ڇڏيو.اُن شام کي گُذري ۽ ڳڏوڳڏ يادگيريءَ تان لٿي ڪي سال گذري ويا ته سجاد وري پنهنجي شاعري جو ڪجهه پورهيو ميڙي ڳٽڪي جي شڪل ۾ ان يادگيريءَ جي دُهراءَ سان ڪجهه لکي ڏيڻ لاءِ موڪلي ڏنو آهي. روائتي شاعريءَ جي بحر وزن ۽ فني لوازمات کان ٻنهي ناوقف ۽ شاعريءَ فقط ردم فقط content۽ فقط Thoughtجي حوالي، اُن جي نغمگي ۽ موسيقيت جي رس رچاءَ سان Enjoyڪري سگهندڙ صلاحيت کان علاوه شاعري فني حوالي سان، منهنجي لاءِ يقينا هڪ اڻ ڄاتل، اڻ سمجهيل دنيا آهي. ان حوالي سان سجاد پنهنجي شاعريءَ تي جيڪڏهن ڪاعالمانه راءِ وٺڻ چاهي ٿو ته ڪيس ٻڌائبو ته هِن اِها عالماڻ راءِ وٺڻ لاءِ ڪنهن صحيح ماڻهوءَ جو انتخاب نه ڪيو آهي، ها پر ٻي حوالي سان جيڪڏهن شاعريءَ جي پرک جو سوال اچي ٿو ته مان سجاد ميراڻيءَ جي شاعريءَ کي ان خاني ۾ رکندس جتي ”مقصديت“کي اوليت هجي ٿي ۽ حساس جذبن جي ولوڙ سان ڳڏ ڌرتيءَ جي دل سان ڳڏ ڌڙڪڻ جي تمنا هجي ٿي. سرمائيدار دنيا جيتوڻيڪ دل کان وٺي دنيا جي جي هر ڪاروبار کي نفعي ۽ نقصان جي پرک تي رکي خساري واري سودي کي ترڪ ڪري چڪي آهي.





خساري واراسودا، اجوڪي دنيا ۾ دل جي ناداني ءَ سان منسوب ڪيا وڃن ٿا پر شايد اِها هڪ شاعر جي ئي دل آهي جيڪا بار بار ان خساري واري سودي ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿي. ”مقصديت“ اجوڪي ادب ۾ شايد اُها بي معنيٰ اضافي چارج آهي. جيڪا ”ڪَٽَ“ ڪرن واري پئمانيتي ماپڻ کان سواءِ رهجي وڃي ٿي.

سجاد ميراڻيءَ جي ساعري اُن دور جو شعوري/ لاشعوري دهراءُ چئي سگهجي ٿي جتي فن جي دنيا ۾ ”مقصديت“ کي معنيٰ ڏني پنهنجي دل کي ڌرتيءَ جي دل سان هم آواز ڪري ڌرتيءَ کي ڪڏهن محبوبيت ته، ڪڏهن ماءُ جي درجي تي ڏسي پرکبو آهي.

قوميت جي نظرئي ۾ سياسي لاٽ اچڻ ڪري اجوڪي شاعريءَ مان اهو غير حاضر موضوع ڪٽي اچڻ تي منهنجي دل سجاد جي قلم ۽ شاعريءَ کي دعا ئي ڏئي سگهي ٿي.

**امر سندو**
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
28 آڪٽوبر 2005ع

## منهنجو ننڍپڻ جو دوست

سجاد ميراڻي منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي مان صرف ان لاءِ ايترو چوندس تہ هو جيترو ٻاهران نماڻو آهي. اوترو ئياندر جو اجرو آهي. مون زندگيءَ جي 40 سالن جي رفاقت ۾ هُن ۾ ڪڏهن دوئي ۽ منافقت جو ذرو بہ محسوس نہ ڪيو آهي. جيڪڏهن سجاد ميراڻي اسان جي سياسي يا انتظامي مشنريءَ ۾ اهم ڪل ٻڻجي ها تہ سنڌ ڪي پنهنجي ذاتي خصلتن جي حوالي سان اجا بہ وڌيڪ ڪجهہ ڏئي وجهي ها سجاد جي شاعري سنڌ، سونهن ۽ سچ جي چوڌاري ڦري ٿي. ان سونهن مان سندس مراد اندر ۽ ٻاهر جي سونهن آهي ۽ سنڌ ڪي ان سونهن جي واقعي سخت ضرورت آهي ۽ سچ جو تعلق علم ۽ ساڃاهہ سان آهي. ان حوالي سان سندس شاعريءَ جو ڪتاب سنڌ لاءِ قيمتي سرمايو آهي.

**نور احمد ميمڻ**
چيئرمين سنڌيڪا اڪيڊمي
ڪراچي



www.sindhsalamat.com

## ڪنهن ۽ ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي

وشال ڪائنات جهڙي شهر"پرين جي لوءِ" ۾ جنم وٺندڙ سائين سجاد ميراني مونکي لطيف سائينءَ جي هن بيت وانگي ڀاسندو آهي تہ:

" ڪنهن، ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي"

۽ سچي ڳالهہ اها آهي تہ مونکي سجاد مان بهار جي خوشبوءِ ايندي آهي. 15 سالن ڪان سائينءَ سان منهنجي شناسائي آهي سائين منهنجو استاد ۽ مون سان پيار ڪندڙ پُر خلوص دوست آهي. سجاد ميرانيءَ سان دوستن مان جيترو ويجهو مان رهيو آهيان شايد ڪو رهيو هجي. سائين سونهن جو سدائين سيوا ڪندڙ رهيو اهي.سائين سجاد ميراڻيءَ ۾ ٻي وڏي خوبي هيءَ آهي تہ ہ ماڻهو شناس ۽ محفل شناس هجڻ سان گڏ مزاحيہ طبيعت رکندڙ سچو ۽ کرو ماڻهو آهي جيسيتائين سجاد ميراڻيءَ جي شاعريءَ جو تعلق آهي تہ مان سائينءَ جو صرف هي هڪ شعر پڙهندس تہ:

سنڌ، سونهن ۽ سچ سجاد
جتي تنهي جي ڳالهہ هلي
اُتي تون پي ، اچ سجاد

تہ سائين سنڌ سونهن ۽ سچ جو شاعر آهي وڌيڪ پڙهندڙ راءِ ڏئي سگهن ٿا.

**هريش ڪمار.آر.ڏوميجا**
پريالوءِ.

## "پيار کي سڀ ڪجهه سمجهندڙ بابا"

بابا سائينءَ جي شاعري جو هي مجموعوحق، سچ، سونهن ۽ سنڌ سان محبت جو اهڃاڻ ۽ عڪس آهي.

پريان جي لوءِ جي شهر ۾ استاد جو فرض نڀائڻ سان گڏوگڏ بابا سائينءَ جيڪو قلمي پورهيو ڪيو آهي. سو سون جي پاڻيءَ سان لکڻ جهڙو آهي.اها هڪ روشن حقيقت آهي ته بابا سائينءَ هميشه منهن تيمرڪ ۽ دل ۾ پيار رکيو آهي. ۽ پيار کي ئي سڀ ڪجهه سمجهيو آهي. سندن ئي شعر جيان!

پيار آهي ته زندگي آهي
باقي سڀ ڪوڙ ۽ ننگي آهي.

مون بابا سائينءَ جي شاعري چڱي طرح پڙهي آهي مون کي سندن شاعري ۾ فڪر ۽ اٽڪ جستجو جو سبق مليو آهي. هن تنگ دستي ۽ نفسا نفسيءَ جي دؤر ۾ پيار جي پرچار ڪرڻ ڪنهن مڙس ماڻهوءَ جو ڪم آهي. ۽ اها پرچار بابا سائينءَ سل سان ڪري ٿو. منهنجي دعا آهي ته رب پاڪ سندن شخصيت ۽ شاعريءَ کي هميشه دائم ۽ قائم رکي.

**سميع سجاد ميراڻي**
پريالوءِ

## "سجاد اکين تي"

شاعري ۽ شاعر مون کي بلڪل پسند نه آهن پر سجاد ميراڻي جي شاعري سميت اکين تي رکيو آهي.

**مسز سجاد ميراڻي**



www.sindhsalamat.com

## نفيس انسان سجاد ميراڻي

سجادميراڻي جيڪو اسان لاءِ هڪ استاد به آهي ته هڪ بهترين دوست به. اسان پريالوءِ جا دوست خوشنصيب آهيون جو جڏهن اسان ادب جي دنيا ۾ وکون کڻڻ شروع ڪيون ته اسان کي سجاد ميراڻي ۽ شڪيل پريالويءَ جهڙا نفيس انسان ۽ بهترين رهنما دڳ ۾ مليا جن وک وک تي اسان جي رهنمائي ڪئي.

الائي چو سجاد کي مان جڏهن به پنهنجو ادبي پورهيو ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ چيو ته پاڻ هميشه ڪن لاٽار ڪندو رهيو پر نيٺ آخرڪار هن پنهنجي ڪويتائن جو ڪتاب ڇاپائڻ لاءِ هائوڪار ڪئي.

سندس شاعري کي پرهڻ سان اسان کي سندس سوچ جي وسعتن جو اندازو ٿئي ٿو جنهن سوچ ۾ درد به آهي ته خوشي به ڪائنات جي اٿاهه سونهن به ۽ ڌرتيءَ جي دردن جي ڪٿا به جيڪڏهن توهان سندس نظم پڙهندو ته توهان کي هن جي نظمن ۾ "گلزار" جي نظمن جهڙي گهرائي ملندي ۽ جيڪڏهن توهان سندس غزل پڙهندو ته توهان کي پروين ساڪر ۽ ناصر ڪاظمي جي غزلن جهڙي چاسني ملندي.

سندس ويجهو رهندڙ دوست ڄاڻن ٿا ته سونهن سندس ڪمزوري آهي تنهنڪري ئي پاڻ هڪڙي هنڌ چئي ٿو ته:

سونهن سڏي سجاد ميراڻي منهن موڙي
اهڙي غلطي ڄاڻي واڻي ڪيئن ڪندو

ان ڪانسواءِ ڪيترائي شعر سندس سوچ جي عڪاسي ڪن ٿا جيئن:

اسان جا ڏوهه ڏسو ٿا ثواب پي ته ڏسو
اسان جي عشق سڳوري جو باب پي ته ڏسو
ائين ئي ڪفر جي فتويٰ ڏيو ٿا رندن تي
لکيل ڪتاب ۾ چاهي ڪتاب پي ته ڏسو

اسان جي دعا آهي تہ سجاد ۽ سندس قلمي پورهيو ائين ئي سدائين اسان جي نظرن جي سامهون رهي ۽ اسان جي رهنمائي ڪري اسان جون چاهتون،اسان جون محبتون ۽ دوستن جو ساٿ هميشہ سجاد سان گڏ هوندو.

مخدوم شمس
پرياليءَ
26.07.2005ع
makhdoomshams@hotmail.com
makhdoom_s@yahoo.com



www.sindhsalamat.com






www.sindhsalamat.com

مون ۾ تون موجود
الله هُو الله
تنهنجو عابد آهيان
منهنجو تون معبود
الله هُو الله
نعرو هڻ تو نينهن جو
هر دم حق موجود
الله هُو الله

ڏک سک ۾ توکي سڏيان
ٻي کي سڏڻ بي سود
الله هُو الله
سائين مان سجاد هان
مولا تون معبود
الله هُو الله



www.sindhsalamat.com

سرداراِن سردارُ
مير محمد چام

بي وسيلن پرجهلو
اڙين جو آڌار
مير محمد چام

شافي کافي شهنشاهه
نرمل نامدار
مير محمد چام

کائنات جو کارڻي
کامل قربدار
مير محمد چام

سجادَ سر جو سائين
منٿو ۽ منتار
مير محمد چام

سرتي! سيند نہ ڏاهہ
سنڌ جو نقشو ٿو ڏهي

موهن جي دڙي جي ناچڻي
چيرن کي چمڪاءِ
سنڌ جو نقشو ٿو ڏهي

ڪينجهر منڇر نيڻ ٻئي
ڳوڙها ڪين وهاءِ
سنڌ جو نقشو ٿو ڏهي

اڙي راڳي! سنڌ جا
اٿي سورٺ ڳاءِ
سنڌ جو نقشو ٿو ڏهي

ڪلاچيءَ جي ڪُن جا
مانگر سڀ ماراءِ
سنڌ جو نقشو ٿو ڏهي

سرويچن جي سٿ ۾
سجاد! نانءُ لکاءِ
سنڌ جو نقشو ٿو ڏهي





تارا چنڊُ ڪتيون
توڏي ميڙِ ورتيون
آيو آهيان سانوري

توتي ورڪائڻ لئہ
ڪٺي گل ٻتيون
آيو آهيان سانوري

نفرت جي نٿهڻ ۾
اڏي پيار چٿيون
آيو آهيان سانوري

پيار جي پيچرن تي
ٻاري ميڻ ٻتيون
آيو آهيان سانوري

متان مُرجهايو
ڳاڙها گل گلاب جا

پرين آه پنڌ ۾
اجهو هو آيو
متان مُرجهايو
ڳاڙها گل گلاب جا

سڳند ساري لوڪ ۾
پنهنجي ڦهلايو
متان مُرجهايو
ڳاڙها گل گلاب جا

ڪَتا ڪندن سين هي
خوشبو ڪندايو
متان مُرجهايو
ڳاڙها گل گلاب جا

مالهيءَ من ۾ مير آ
نه ڪي دل لاهيو
متان مُرجهايو
ڳاڙها گل گلاب جا



www.sindhsalamat.com

ڪهڙو لَڪُ لڪاءُ
پرين پنهنجي پيار ۾

اوندهه اوسيئڙو چڏي
سج بيٺي ئي آءُ
ڪهڙو لِڪُ لڪاءُ
پرين پنهنجي پيار ۾

جدائيءَ جو جيءَ ۾
گهرو آهي گهاءُ
ڪهڙو لِڪُ لڪاءُ
پرين پنهنجي پيار ۾

عَلمُ پنهنجي عشق جو
هت ۾ کڻي آءُ
ڪهڙو لِڪُ لڪاءُ
پرين پنهنجي پيار ۾

www.sindhsalamat.com

اجرڪ جي چولي ۾
ڪيڏي ٿي ٺهين

سنڌوءَ ڪپ تي سانوري!
سرتين جي ٽولي ۾
ڪيڏي ٿي ٺهين

منهنجي سنڌڙي سانئڻ!
ڌرتيءَ جي گولي ۾
ڪيڏي ٿي ٺهين

ڇو نہ مان توکي ڳايان
ساز سريلي ۾
ڪيڏي ٿي ٺهين



www.sindhsalamat.com

جر ۾ جل جيان
منهنجي اندر مان
پيار تہ ڪٿٽو ناهي

پايل پيرن ۾ وجهي
نچان ۽ جهومان
پيار تہ ڪٿٽو ناهي

جدائيءَ جي جيل ۾
لچان ۽ لوچان
پيار تہ ڪٿٽو ناهي

سک جي ساگر ۾ پرين!
ٻڏان ۽ تران
پيار تہ ڪٿٽو ناهي

هن سان ملي، موٽي
وري ٿو وڃان
پيار تہ ڪٿٽو ناهي

www.sindhsalamat.com

آزاديءَ انگاسُ
ڪرڻ نہ ڏجان ڪڏھين

ڀلي منھنجا ڀائڙا!
مرون ڪائني ماسُ
آزاديءَ انگاسُ
ڪرڻ نہ ڏجان ڪڏھين

سوريءَ سڏني جي پرين!
ٿجان ڪين اداسُ
آزاديءَ انگاسُ
ڪرڻ نہ ڏجان ڪڏھين

وطن جي ويرين مٿان
ڪجان ڪين قياسُ
آزاديءَ انگاسُ
ڪرڻ نہ ڏجان ڪڏھين

سوپارو ٿيندين سڄڻ!
آ واحد ۾ وشواسُ
آزاديءَ انگاسُ
ڪرڻ نہ ڏجان ڪڏھين



www.sindhsalamat.com

سورج مکيءَ جان
منھنجو منھن تو ڏانھن
سڄ جھڙا صنم

تون جڏھن ٿو اچين
مان ٿڙي ٿو پوان
سڄ جھڙا صنم

روح ريجھي نٿو
رات جو چنڊ سان
سڄ جھڙا صنم

رات ڪي مات ڏئي
آءُ ايري ڪٿان
سڄ جھڙا صنم

تنهنجي وئي ڪان پو
من الائي ڇو
ماندو ماندو آ

پرين! تنهنجي شهر ۾
تنهنجي لاءِ ڪو
ماندو ماندو آ

جنهن ڪان ايندي هوئين تون!
اڄ اهو رستو
ماندو ماندو آ

ڌرتيءَ جي ڳولي مَتان
سنڌڙيءَ جو نقشو
ماندو ماندو آ

ڏياريءَ جي ڏڻ تي
توبن هر ڏيئڙو
ماندو ماندو آ





منگتا! وڃ موتي
سوز نہ تنهنجي ساز ۾

سر گهورڻ تہ گهوريو
ملني شل روتي
سوز نہ تنهنجي ساز ۾

ٻاهر ۾ ٻهروپ تون
دل اتئي ڪوتي
سوز نہ تنهنجي ساز ۾

هٿ ۾ هاسو حرص جو
لالچ جي لوتي
سوز نہ تنهنجي ساز ۾

مسجد ، مندر ۾
پتر نه هٽو

يار ڪي ڳولهي تو
هن ڪي شهر ۾
پتر نه هٽو

هيڪل وياڪل آ
ڪوئي سفر ۾
پتر نه هٽو

نوري ۽ نشاني آ
يارَ ڪينجهر ۾
پتر نه هٽو

غريب شاعر هي
آه ٻڌتر ۾
پتر نه هٽو



www.sindhsalamat.com

ڪيڏو اوسيئڙو
سجاد جاڳي تو

ٻنيي ۾ اتس اکيون
پاءِ پرين ليئڙو
سجاد جاڳي تو

محفل ٻي تي پوري
گهر نه اجا وَيَڙو
سجاد جاڳي تو

سوَڙ نڪي گبرو
ڪيڏو تو پوي سيئڙو
سجاد جاڳي تو

نانيءَ جي ڪچي گهر ۾
آرام ۾ ڪوريئڙو
سجادجاڳي تو

توسان پنهنجو نانءُ
لکيل ڏسي هانءُ
ٺري پيو آهي

تنهنجي پيار جي ڇانوَ ۾
دل جو ڪوسو ٿانءُ
ٺري پيو آهي

تو تي گيت غزل لکي
پرين منهنجو ڏانءُ
ٺري پيو آهي

منهنجو خط ڪٽي متي!
تنهنجي ڇت تي ڪانءُ
ٺري پيو آهي



www.sindhsalamat.com

ڪينجهر ۾ ڪنول
ڦٽا هِن ڪيڏا

اوسيئڙي ۾ او پرين!
پَلن متان پَلَ
ڦٽا هِن ڪيڏا

تنهنجي آئي سانوري!
مَن اڱڻ تي گل
ڦٽا هِن ڪيڏا

پرين! پنهنجي پيار جا
شهر سڄي ۾ هل
ڦٽا هِن ڪيڏا

www.sindhsalamat.com

چار ئي چپ ڳڏي
آءُ ته پرچون پاڻ ۾

سنڌوءَ ڪپ تي سانوري!
هڪ ٻي کي سڏي
آءُ ته پرچون پاڻ ۾

آڻ مجي آيو هان
تنهنجي آءٌ تڏي
آءُ ته پرچون پاڻ ۾

سنڌڙي صدقي سانوري!
ڪاوڙ کي ڇڏي
آءُ ته پرچون پاڻ ۾

دوئيءَ کان دور ٿي
نينهن نگر اڏي
آءُ ته پرچون پاڻ ۾



www.sindhsalamat.com

ڪيڏو وٽنديون هِن
تنهنجون تصويرون

جيون جي هن رڻ پٽ ۾
مون سان هلنديون هِن
تنهنجون تصويرون

اجهو تون ايندينءَ هتي
آٿت ڏينديون هِن
تنهنجون تصويرون

منهنجي ڪمري ۾ پرين
ڪيڏو ٺهنديون هِن
تنهنجون تصويرون

جڏهن روئندو هان صنم
مون سان روئنديون هِن
تنهنجون تصويرون

رات جي راڻيءَ ۾
کيڏي خوشبو

پنهنجي ڌرتيءَ جي
اَن ۽ پاڻيءَ ۾
کيڏي خوشبو

حياءَ جي گلڙن جي
سنڌ جي نياڻيءَ ۾
کيڏي خوشبو

سنڌوءَ جي ڪپ تي
لئيءَ ۽ لاڻيءَ ۾
کيڏي خوشبو

آچپي جي آس ۾
هر سنڌياڻيءَ ۾
کيڏي خوشبو



www.sindhsalamat.com

تنهنجي بي رخي ڏسي
جاني! جذبن کي
ننڊ وٿي وئي آ

شال نہ جاڳن ڪڏهن
دل جي دردن کي
ننڊ وٿي وئي آ

سايائن جي آس ۾
هاڻي سپنن کي
ننڊ وٿي وئي آ

سُٽي ئي نٿو سڄڻ
منهنجي عرضن کي
ننڊ وٿي وئي آ

اڪيون ڪري پير
ايندس مان تو ڏي

اوسيئڙي ۾ رهجانءِ تون
پرين! اوير، سوير
ايندس مان تو ڏي

تنهنجي گهر جي ٻير ۾
جڏهن پڪا ٻير
ايندس مان تو ڏي

تڙي پنهنجي پونءِ مان
سارا اَير ۽ غير
ايندس مان تو ڏي

سجاد! سنڌ ۽ سونهن ڏانهن
خدا ڪري خير
ايندس مان تو ڏي



www.sindhsalamat.com

دوست! نہ در ڪڙڪاءِ
آڏي رات اچي

ڏسي نہ ڪوئي او پرين!
ائين نہ سيني لاءِ
آڏي رات اچي

منهنجي اڱڻ تي اچي
پيار جو گيت نہ ڳاءِ
آڏي رات اچي

چنڊ چتائي تو ڏسي
وارن ڪي تہ وراءِ
آڏي رات اچي

غيرتمند ۽ غلام!
ڪوڙو ئي نتو لڳي

وڃي وڏيري جو
جهڪي ڪيان سلام!
ڪوڙو ئي نتو لڳي

سورن ۾ آ سنڌڙي
ڪيان مان آرام!
ڪوڙو ئي نتو لڳي

نائون مل ڪي نِوڙي
ڪيان رام رام
ڪوڙو ئي نتو لڳي



www.sindhsalamat.com

سنڌ سڄي سائي
تون ڇو هيدو ٿي وئين

آزاديءَ انگاس سان
هوءَ جڏهن آئي
تون ڇو هيدو ٿي وئين

وائي شيخ اياز جي
جڏهن مون ڳائي
تون ڇو هيدو ٿي وئين

ديس دروهِن جي مٿان
پئي جڏهن ڇائي
تون ڇو هيدو ٿي وئين

www.sindhsalamat.com

اماس رات ۾
سيئي تارا
چنڊ کي ڳولهن ٿا

لوڊشيڊنگ جي ڪري
هِن شهر وارا
چنڊ کي ڳولهن ٿا

عيد جي اوسيئڙي ۾
ٻالڪ ويچارا
چنڊ کي ڳولهن ٿا

سچ لهي وَينِ شهر ۾
ڳوٺِ وڃڻ وارا
چنڊ کي ڳولهن ٿا



www.sindhsalamat.com

پرين! تنهنجي پيار
منجهائي ڇڏيو آ

ڳالهين ڳالهين ۾
اقرار ۽ انڪار
منجهائي ڇڏيو آ

ڪيئن لاهيندس تنهنجا
احسانن جي بار
منجهائي ڇڏيو آ

ڪلندي روئي ٿو ويهان
هر هر تنهنجي سار
منجهائي ڇڏيو آ

www.sindhsalamat.com

گيت ۽ وائي
تنهنجي نانءِ

توبن دولت کهڙي کم جي
پيسو پائي
تنهنجي نانءِ

اوندهہ ۾ اوجاڳا مون لئہ
رات سهائي
تنهنجي نانءِ

شايد مون کي ساريو آ تو
هڏکي آئي
تنهنجي نانءِ

پير پري تون آءُ اڱڻ تي
سيج سجائي
تنهنجي نانءِ

رنگ برنگي اندلٺ دنيا
ڳاڙهي سائي
تنهنجي نانءِ



www.sindhsalamat.com

تنهنجي شهر ۾
مان پاڻ کي ڳولهيان ٿو

تون تہ مليوينديِن مگر
مسجد مندر ۾
مان پاڻ کي ڳولهيان ٿو

پنهنجي کوتا جي پرين!
اکر اکر ۾
مان پاڻ کي ڳولهيان ٿو

تو وٽ اچي او متا!
تنهنجي ئي گهر ۾
مان پاڻ کي ڳولهيان ٿو

جامشوري ۾
ڪاري جوري ۾
ڪيڏا قرب ڪري ڇڏيئي

آٽوگراف ڏئي مونکي
ڪاغذ ڪوري ۾
ڪيڏا قرب ڪري ڇڏيئي

سپني ۾ اچي سنڌو!
ننڊ هندوري ۾
ڪيڏا قرب ڪري ڇڏيئي

سيئي خال پري پرين!
جيون پوري ۾
ڪيڏا قرب ڪري ڇڏيئي



www.sindhsalamat.com

ڪيڏا مينگهه ملهار
تنهنجي اکڙين ۾

پرين پسان تو پيو
پنهنجائپ جا پار
تنهنجي اکڙين ۾

سڪ جو ساگر تو وهي
سجڻ تارئون تار
تنهنجي اکڙين ۾

موهنَ مورتيءِ جا
هوندا هِنِ آثار
تنهنجي اکڙين ۾

www.sindhsalamat.com

تنھنجو خط پڳو
چمين اکين تي رکيم

هيڏن نانون مان پرين!
تنھنجو نانءُ رڳو
چمين اکين تي رکيم

تنھنجي سڪ ۾ سانوري!
طعنو جو ٻه لڳو
چمين اکين تي رکيم

هونئن ته ڪوڙ سجاد پر
تنھنجو سڪ سڳو
چمين اکين تي رکيم



www.sindhsalamat.com

روز سنسار ۾
هاءِ مانيءَ جي لئه
لانگ مارچ تو ڪيان

شال پرچي پوي
آءُ جاني جي لئه
لانگ مارچ تو ڪيان

سچ ۽ سوز سان
زندگانيءَ جي لئه
لانگ مارچ تو ڪيان

تون پلي ٻار تي
مان جوانيءَ جي لئه
لانگ مارچ تو ڪيان

سج نہ سوريءَ چاڙهيو
اونڌهہ ٿو ويندي

اجرا پکي امن جا
پجرن منجهہ نہ واڙيو
اونڌهہ ٿو ويندي

مونکي ڏسي منڙا!
کنڌ نہ پرتي لاڙيو
اونڌهہ ٿو ويندي

پنهنجي پيرن تي بيهو
ياڙين تي نہ ياڙيو
اونڌهہ ٿو ويندي





تنهنجي راهن ۾
نيڻ وڇائجي ويا

ڳاڙهين چوڙين ۽
گورين ٻانهن ۾
نيڻ وڇائجي ويا

هاءِ وڇوڙي جي
تيز هوائن ۾
نيڻ وڇائجي ويا

توکي پرچائيندي
ناز ادائن ۾
نيڻ وڇائجي ويا

وار جو کوليا تو
گهنگهور گهٽائن ۾
نيڻ وڇائجي ويا

www.sindhsalamat.com

بند ڪتابن ڪي
اُڏهي کائي وئي

سوال لکيا پيا هِنِ
يار جوابن ڪي
اُڏهي کائي وئي

هيڏي ناول مان
پيار جي بابن ڪي
اُڏهي کائي وئي

هڪ نہ سايپان ٿيو
سارن خوابن ڪي
اُڏهي کائي وئي

ڏوهہ سيئي ثابت
هاءِ ثوابن ڪي
اُڏهي کائي وئي



www.sindhsalamat.com

ويريءَ ويڙيا وڻ
پکي سڀ اُڏري ويا

باغ جي ماليءَ جا
ڏسي لڳ لڇڻ
پکي سڀ اُڏري ويا

سيتا! تنهنجي ديس ۾
آيا جو راوڻ
پکي سڀ اُڏري ويا

ڳوڙها ڳاڙي ڳولهيان
ڏنار نہ ڪي ڏڻ
پکي سڀ اُڏري ويا

واري واڪا واءُ جا
رڳو رڻ ئي رڻ
پکي سڀ اُڏري ويا

سجاد ۽ سور
تهي ويا هِن پاڻ ۾

پرين! منهنجي شاعري
۽ تنهنجا مذڪور
تهي ويا هِن پاڻ ۾

حق ۽ سچ جي راهه ۾
سوري ۽ منصور
تهي ويا هِن پاڻ ۾

منهنجي تنهائي پرين!
پل پل تنهنجا پور
تهي ويا هِن پاڻ ۾





وينگس! تنهنجا وار
مون لئه چپر چانورو

ها مان ايندس چئي وئينءَ
تنهنجا قول قرار
مون لئه چپر چانورو

تنهنجي نيڻن ۾ پرين!
جيڪي مينگهه ملهار
مون لئه چپر چانورو

بيا پلي وسري وڃن
سرتي! تنهنجي سار
مون لئه چپر چانورو

پنهنجي پڌر ۾
گل نه ڦٽندا هيل

هُو ويو ڄڻ بهار ويو
پوري هن تر ۾
گل نه ڦٽندا هيل

نفرت واسو ڪيو اچي
نينهن نگر ۾
گل نه ڦٽندا هيل

ڇا لئه بيٺو آن ڇريا!
اُباڻڪو در ۾
گل نه ڦٽندا هيل



www.sindhsalamat.com

اڪيون اگهي ڇڏ
پرين ايندو ڪين ڪي

پرينءَ پڄاڻان هتان
اڙي! تون پيي لڏ
پرين ايندو ڪين ڪي

ائين تون اڻ ڄاڻ ٿي
ڪير ۾ ڪنڌ نه ڪڏ
پرين ايندو ڪين ڪي

ابر وسڻ آسري
ٿر ۾ گهر نه اَڏ
پرين ايندو ڪين ڪي

www.sindhsalamat.com

وارن ۾ وچڙاءِ
بکل منهنجي پيار جو

ويهي سرتين وچ ۾
ايڏو نہ شرماءِ
وارن ۾ وچڙاءِ
بکل منهنجي پيار جو

گورين ٻانهن ۾ پرين!
چوڙين کي چمڪاءِ
وارن ۾ وچڙاءِ
بکل منهنجي پيار جو

اوتي عطر پيار جو
مونکي تون مهڪاءِ
وارن ۾ وچڙاءِ
بکل منهنجي پيار جو

اچي آڏيءَ رات جو
سورن کي سمجهاءِ
وارن ۾ وچڙاءِ
بکل منهنجي پيار جو



www.sindhsalamat.com

ڏاهپ کي ڏاوڻ
هوندا هِنِ هر دور ۾

سيتا هڪڙي ڪونہ هئي
سيتا ۽ راوڻ
هوندا هِنِ هر دور ۾

ڏسي سوچ نہ او چريا!
اکين ۾ ساوڻ
هوندا هِنِ هر دور ۾

گوليون، گُليلا سنڌ جا
شهر ۽ واهڻ
هوندا هِنِ هر دور ۾

سچ اُيري شل خير جو!
الڪن ۾ آسڻ
هوندا هِنِ هر دور ۾

هُن حياتيءَ ۾
رنگ ڀريا آهن

هوڏي ڏس تہ سهي
جوين ڇاتيءَ ۾
رنگ ڀريا آهن

ٻهڪي پيو آهيان
جانيءَ جهاتيءَ ۾
رنگ ڀريا آهن

ننڍڙي ٻالڪ ڀي
ٻوليءَ ٻاتي ۾
رنگ ڀريا آهن



www.sindhsalamat.com

ڌرتيءَ جو گولو
ڪيڏو سوڙهو ٿي ويو

هوءَ جو وئي سامائجي
هاڻ سندس چولو
ڪيڏو سوڙهو ٿي ويو

پري پري رهندو هيو
منهنجو يرڍولو
ڪيڏو سوڙهو ٿي ويو

اجوڪي هن دؤر ۾
غريب لئہ لولو
ڪيڏو سوڙهو ٿي ويو

پرينءَ کان پري
جيئڻ ڏاڍو آ ڏکيو

مينهوڳيءَ جي مند ۾
ڪنهن کي ياد ڪري
جيئڻ ڏاڍو آ ڏکيو

اکيون اوسيئڙو ڪرن
ميڻ ٻتي ٻري
جيئڻ ڏاڍو آ ڏکيو

هيئون ڪنهن جي حب ۾
ٿڏا ساهه پري
جيئڻ ڏاڍو آ ڏکيو

سجادا! سَڄڻ سيگهه ۾
وري شال وري
جيئڻ ڏاڍو آ ڏکيو





وَرُ وَرُ ڏئي وڃ
پيرو نه تون پڃ
اڱڻ عجيبن جي

توبهه استغفار چئي
ڏوهه سيئي مڃ
اڱڻ عجيبن جي

رکوع سجدي قيام سان
ڳوڏا پنهنجا پڃ
اڱڻ عجيبن جي

پنهنجي جيجل ماءُ جي
ملهائج تون ٿڃ
اڱڻ عجيبن جي

پوتيءَ جو پلئه
مُک تي وجهه نه سانوري!

چپ چپ چو آهين
چوٽو اٿئي چئه
پوتيءَ جو پلئه
مُک تي وجهه نه سانوري!

پيار واري پنڌ ۾
ڪر نه ڪوئي ڀئه
پوتيءَ جو پلئه
مُک تي وجهه نه سانوري!

سندر سندر سونهن مان
ٿيو آ ڪنهن کي ڏؤ؟
پوتيءَ جو پلئه
مُک تي وجهه نه سانوري!



www.sindhsalamat.com

جاني! تون ڀي جاڳ
آءٌ به جاڳان ٿو

جاڳڻ سان ئي ملندو
سلطاني سهاڳ
آءٌ به جاڳان ٿو

ڳائي پئي ٿي عابده
ڀٽائيءَ جو راڳ
آءٌ به جاڳان ٿو

ننڊ ڪندين جي ناڪُئا!
ملندئي ڪيئن پو ماڳ
آءٌ به جاڳان ٿو

اجوڪو انسان
ڪيڏو روڳي ٿي ويو

ڪو ٻٽيو آ چودري
ڪو وڏيرو خان
اجوڪو انسان
ڪيڏو روڳي ٿي ويو

پنهنجي لاءِ پاڻ بيٺو
موت جو سامان
اجوڪو انسان
ڪيڏو روڳي ٿي ويو

ڪوئي پٽر پوڄ ۾
ڪو پاڻ آ پيڳوان
اجوڪو انسان
ڪيڏو روڳي ٿي ويو



www.sindhsalamat.com

ٻَلي ٻُلي پئو
ڪر نہ ڪوئي پئو
پيار نگر ۾ اوپرين!

عشق واري آڳ ۾
شال اڄئي ڪو تئو
پيار نگر ۾ اوپرين!

مون لئہ چپر چانو آ
سڄڻي تنهنجو رئو
پيار نگر ۾ اوپرين!

تنهنجي درشن مان پرين!
ٿي نٿو پيو ڏئو
پيار نگر ۾ اوپرين!

منهنجي گهر جو ٻڙ
ڪري پيو ڪالهه

جيڪو ڇپر ڇانو هو
پلاين ۾ پڙ
ڪري پيو ڪالهه

پن پن جنهن جو پيار هو
ٿاريءَ ٿاريءَ وڙ
ڪري پيو ڪالهه

منهنجي لاءِ مهانُ هو
سخي ڄام سپڙ
ڪري پيو ڪالهه

- بابي سائينءَ جي لاڏاڻي تي.



www.sindhsalamat.com

ڏوڪي واري دنيا اندر
پنهنجي دل ٺرائي وينس
ناحق نينهن اڙائي وينس

پنهنجو منُ هو ڪورو ڪاغذ
ڇا ڇا تنهن تي لکائي وينس
ناحق نينهن اڙائي وينس

اونداهيءَ ۾ گهاريندي پي
چاندوڪيءَ کي چاهي وينس
ناحق نينهن اڙائي وينس

ڪوڙي دنيا ڪوڙا ماڻهو
پوءِ بہ سچ ڳالهائي وينس
ناحق نينهن اڙائي وينس

بند هُيو در مئخاني جو
تنهن کي بہ کڙڪائي وينس
ناحق نينهن اڙائي وينس

www.sindhsalamat.com

لنگهي ويندين لَڪَ
مصيبت جا مينڊرا!

مومل ماڻيندين وجي
مونکي آهي پَڪَ
لنگهي ويندين لَڪَ
مصيبت جا مينڊرا!

وک وک تي واسينگ جا
ڇٻي ڇٻي ڇڪ
لنگهي ويندين لَڪَ
مصيبت جا مينڊرا!

مومل جي محلات ۾
لاهيندين تون تڪ
لنگهي ويندين لَڪَ
مصيبت جا مينڊرا!



www.sindhsalamat.com

پاڻي ڀَل نہ پيار
نيڻ ڪڻي نهار
اڄ لهي ويندي

آهيان پياسو پيار جو
ڪلي بس ڪيڪار
اڄ لهي ويندي

ٻہ چپ تنهنجا ۽ ٻہ منهنجا
ڳڏي ڪيون چار
اڄ لهي ويندي

كوڙ كي كائو كچ چيو تو
سچل! سارو سچ چيو تو

ان الحق جو نعرو ماري
رمز انهيءَ ۾ رچ چيو تو
سچل! سارو سچ چيو تو

نفرت واري نارِ مان نكري
الفت ڏي آ اچ چيو تو
سچل! سارو سچ چيو تو

ٻاهر ٻڙك نہ ٻول او پيارا
پتنگ وانگي پچ چيو تو
سچل! سارو سچ چيو تو

محبت واري مام پروڙي
نازك نيهن ۾ نچ چيو تو
سچل! سارو سچ چيو تو



www.sindhsalamat.com

لفظ زبانَ تي
اٿكي پيا هِن

تو ڏي جيكي گل اچلايا
صحيح نشانَ تي
اٿكي پيا هِن

غريب گهر ۾ ننڍڙا ٻالك
هكڙي نانَ تي
اٿكي پيا هِن

آزادي اعلان اسان جو
حكمران
اٿكي پيا هِن

منهنجو پِريان لوءِ
جنهن جو ماڻُ مهاڻُ آ

ساري سنڌ ۾ هِن جو
مَٿ نه آهي ڪوءِ
منهنجو پِريان لوءِ
جنهن جو ماڻُ مهاڻُ آ

گلابن جا گُلَ هتي
پرين هارَ تون پوءِ
منهنجو پِريان لوءِ
جنهن جو ماڻُ مهاڻُ آ

♦مخدوم جي مزار هِتِ
♦سرمد جي هيءُ لوءِ
منهنجو پِريان لوءِ
جنهن جو ماڻُ مهاڻُ آ

♦ سنڌ جو مشهور بزرگ مخدوم اسماعيل رحه
♦ سنڌ جو مشهور راڳي سرمد سنڌي



www.sindhsalamat.com

هن جي نيڻن ۾
سونهن تي جرڪي پئي

هوڏي ڏس ته سهي
ڪيڏي لبڙنِ ۾
سونهن تي جرڪي پئي

سنڌوءَ جي ڪپ تي
بيتل ٻيڙنِ ۾
سونهن تي جرڪي پئي

ميندي جو هَئين ٿئين
گُوريءَ هٿڙنِ ۾
سونهن تي جرڪي پئي

سجاد آءُ سِگهو
يار جي سڏڙنِ ۾
سونهن تي جرڪي پئي








پرين جي ناهي شهر ۾ شهر ٻسو تو لڳي
گهٽيءِ پاڙو ٻسو ۽ گهر ٻسو تو لڳي

مسيت ۾ نه محبت نه پيار مندر ۾
مسيت يي آ ٻسي ۽ مندر به ٻسو تولڳي

نه ڏينهن جو آ مليو ۽ نه رات تيو درشن
تڏهن ته شام جو هر پهر ٻسو تو لڳي

پرين جو پياري هليو ويو خمار جي وياسين
لتو نشو ته پو پنهنجو اندر ٻسو تو لڳي

اسان ته يار جا پيرا ڪٽي پٽيان وياسين
مليو ته يار ته سارو سفر ٻسو تو لڳي

سجاد! سونهن سچي ۽ عشق انتو آ
ناهي جي يار ته شمس و قمر ٻسو تو لڳي

❖

در ورائي ستو پيو آهي
دل ڦرائي ستو پيو آهي

نہ اٿاريوس ننڊ مان هن کي
گيت ڳائي ستو پيو آهي

کر ڳوي ڪراڙ جي ڪپ تي
ڪفني پائي ستو پيو آهي

اوپٿائي! اياز پرتو ٿئي
سنڌ جڳائي ستو پيو آهي

ديس وارن ستايو هوس ڏاڍو
چپ سبائي ستو پيو آهي

هن کي سمهڻو ئي ڪين هو ڪڏهين
ڪيئن الائي ستو پيو آهي

❖



www.sindhsalamat.com

سونهن سوا سجاد ميراڻي ڪيئن ڪندو
تو ئي ڏس او منهنجي راڻي ڪيئن ڪندو

پنهنجي پلوَ سان ڪين جي اُگهندين او سائنڻ!
منهنجي اکين مان وهندڙ پاڻي ڪيئن ڪندو

هن جي چپن مان پيار جا جام پئي ٿو پيو
اهڙو ماڻهو پيار پڄاڻي ڪيئن ڪندو

ڪَنُ لائي ٿي هُن جي ڳالهہ ٻڌي ويئي
پوءِ پيلا هو بند ڪهاڻي ڪيئن ڪندو

سونهن سَڏي ”سجاد ميراڻي“ منهن موڙي
اهڙي غلطي ڄاڻي واڻي ڪيئن ڪندو

❖

موت منٽرا وجائجي نہ وجين
پيھہ آھي تہ ڳاھجي نہ وجين

سک جي ساگر کان پرپرو ٿي بيھہ
پيار پائي ٿو پائجي نہ وجين

ٻر پلي تون مگر حفاظت سان
ھن ھوا ۾ وسائجي نہ وجين

تون سراپا غزل ۽ گيت آھين
ڪنھن بہ راڳيءَ کان ڳائجي نہ وجين

ايترو پي پري نہ ٿيءُ پرين!
خوف آھي تہ ڪٿ وسارجي نہ وجين

❖



www.sindhsalamat.com

انصاف ڪري سگھندين؟
دل صاف ڪري سگھندين؟

مان ڏوھہ ميجان ٻہ ڪٽي
تون معاف ڪري سگھندين؟

تون منھنجي محبت جو
اعتراف ڪري سگھندين؟

ھي منھنجا درد پرين
ڏسِ ھاف ڪري سگھندين؟

ھاڻ آءٌ ھلان ٿو پيو
سِي آف ڪري سگھندين؟

❖

پيار آهي تہ زندگي آهي
باقي سڀ ڪوڙ ۽ ٺڳي آهي

آءُ ڪمري جو بتي ٻاريان
هن جي چاهت جي روشني آهي

هو جڏهن کان شهر ڇڏي ويو آ
هر گهٽي جڻ ٻسي ٻسي آهي

هن جي مُک کي ڏسي ڦٽي تو ڏيان
هن جو مُک ئي تہ آرسي آهي

آءٌ محفل ۾ خوش نصيب آهيان
جاءِ پرسان رکي وئي آهي

مون سان موڪل کان پو اچي ملجان
ويندي ويندي چئي وئي آهي

هن کي هڪڙو دفعو ڏٺو هو بس
ننڊ سجاد جو رٺي آهي

❖





مون کي ڏسندي ڪلي هلي ويئي
ڇوڪري ڪيچلي هلي ويئي

مان تہ هن کي گهڻو روڪيو پر
اک هڻي چلولي هلي ويئي

هوءَ بلورن سان راند ڪيڏي ۽
ڏک هڻي گِڏَ پِلي هلي ويئي

منهنجي سامهون رقيب منهنجي سان
هوءَ ڪلي هلي ويئي

❖

تون ڪان ڌار ٿيان
گنهگار ٿيان

تون تہ ٻار ٿيئن
مان پي ٻار ٿيان

تنهنجي ڳوٺ اچي
ڪنهن تي ٻار ٿيان

آءُ پرين! مونڏي
گلن هار ٿيان

هٿ رتا ڪر تون
مينديءَ ڌار ٿيان

سجاد! سونهن مٿان
هر وار ٿيان

❖



www.sindhsalamat.com

هيڏي ساري ٿي پئي آهين
ڪيڏي پياري ٿي پئي آهين

ٿوري ڪتڙي ٿوري منڙي
ٿوري ڪاري ٿي پئي آهين

هر ڪنهن تو ۾ اک وڌي آ
سنڌ سونهاري ٿي پئي آهين

اکيون اُلا ڇاتيءَ ڇوليون
توبهہ زاري ٿي پئي آهين

هر ڪنهن تو رنگي ڇڏيو آ
مينديءَ ڏاري ٿي پئي آهين

جنهن کي ڏسين ٿي ڪهي ڇڏين ٿي
سونهن سگهاري ٿي پئي آهين

❖

ڳالهہ منهنجي جو هوءَ ڪري ٿي پئي
نانءُ منهنجو ڪٽي پو نري ٿي پئي

خواب پنهنجا وهاٽي جي هيتان رکي
ننڊ ۾ چرڪ چو هوءَ پري ٿي پئي

هيءُ ڪنهن جو اجا آهي اوسيئڙو
در ڪليل ۾ بتي پي ٻري ٿي پئي

چو نہ هِنَ ڏڻ جي ٻڪرار جا هٿ چمان
ڏڻ ۾ چيلي پرينءَ جي چرَي ٿي پئي

مون کي پڪ آ تہ ايندي هوءَ اڄ هتي
ڪانءُ ٻولي ۾ اک پي ڦري ٿي پئي

اڄ تہ توکي ڏسيان سجني "سجاد" جي
هوءَ تئي تي مچي جا تري ٿي پئي

❖



www.sindhsalamat.com

ڪوئلا ڪوئلا دل جگر ٿي ويو
تنهنجي وئي ڪان پو سائين! حشر ٿي ويو

تنهنجي پيرن ۾ جيڪو بہ پامال ٿيو
سو سدائين او سهڻا امر ٿي ويو

جنهن کي محفل مان تو آ ڌڪاري ڇڏيو
سو ويچارو تہ ڏس دربدر ٿي ويو

تو ڏانهن ايندي جڏهن رات جو او پرين!
چنڊ پي چاهہ مان همسفر ٿي ويو

تنهنجي آمد جو جنهن پي ٻڌو جان مِن!
جو جِتي هو اُتي منتظر ٿي ويو

سونهن سجاد جي لاءِ سڀ ڪجهہ تہ آ
سونهن ناهي تہ هو بي ثمر ٿي ويو

❖

نگاهن ملڻ سان نرالا ٿي پياسين
نيڻن جي مئہ جا موالا ٿي پياسين

تهمت جي تڙ کان گھٽو ئي پڳاسين
مگر پو پيي ٿورا آلا ٿي پياسين

اوهان جي وڃڻ کانپوءِ ساري شهر ۾
اسان ڄڻ تہ لولا ملالا ٿي پياسين

اسان پيار هڪٻي سان ايڏو ڪيو جو
ماڻهن جي لئہ ڄڻ حوالا ٿي پياسين

اوهان جي اچڻ تي جوجهومي اٿياسين
غزل گيت مورا جمالا ٿي پياسين

❖



www.sindhsalamat.com

اکيون جو پري تو ڪيون هن پرين!
خوشيون سڀ ختم ٿي ويون هن پرين!

نڪي تيل سرما نڪي تڙ ڦليل
چندن ۾ پيون، ڇيون هن پرين!

مايوسي ۽ نفرت جدائي ۽ غم
اوهان کان ئي مليون، شيون هن پرين!

تنهنجي پيار خاطر سڀي لوڪ جون
ڳلائون بہ سر تي کنيون هن پرين!

رقيبن سان ٽوڪي ڏسي دل ڇيو
تہ ٻہ ٻہ ويون هن پرين!

❖

چاهتن جو سفر
روشنن جو سفر

تو ڏانهن وک وک پرين
محبتن جو سفر

آجپي جو عمل
زندگين جو سفر

ڳالهہ تنهنجي هلي
عظمتن جو سفر

ديس لئہ سر ڏيڻ
غيرتن جو سفر

ليڙون ليڙون لٽا
غربتن جو سفر

سونهن ”سجاد“ لئہ
راحتن جو سفر

❖



www.sindhsalamat.com

يار توکان سوا گهاربو کيترو
ديپ دل جو پلا ٻاربو کيترو

پيار پنهنجي جو ٻيڙو آ وچ سِير تي
سات تنهنجي بنا تاربو کيترو

گڏ رقيبن سان توکي ڏسي دل جلي
دل جليءَ کي پلا ٺاربو کيترو

چو واعظ ٿو توکين مون کي پلا
سونهن ۾ سچ کي تاربو کيترو

زهر تنهنجي هٿن مان ٿو هر هر ملي
نيٺ پيئبو پرين هاربو کيترو

ياد توکي کندي اک لڳي وئي مٺا!
بيوفا کي پلا ساربو کيترو

❖

سونهن کي لڪائبو ناهي
عشق کي سڪائبو ناهي

آهي دنيا هي پيارلئہ سائين
هتي ڪنهن سان ڦٿائبو ناهي

هار گلڙن جو پيار مان پوئي
پاڻ کي پاڻ پائبو ناهي

ڪنڌ ڪٽجي تہ لک دفعا ڪٽجي
ڪنڌ ليڪن جهڪائبو ناهي

سونهن جيڪو گهري تہ ڏئي ڇڏجي
سونهن آڏو نٽائبو ناهي

ڪنهن تي ٺورو ڪجي ڪري ڇڏجي
اُهو ”سجاد“ ڳائبو ناهي

❖



www.sindhsalamat.com

سمنڊ جاڳي ٿو، ڇوليون جاڳن ٿيون
ڳوٺ ستل آهي، گوليون جاڳن ٿيون

سمنڊ ڪناري تي سانجهيءَ ويلي جو
ڪوڙ حسينن جون، ٽوليون جاڳن ٿيون

هوشو ٿيندين تون،هيمون ٿيندين تون
منهنجي امڙ جون، لوليون جاڳن ٿيون

ريل هلي ٿي پئي، جيل وٿان جڏهن
قيدي جاڳن ٿا، گوليون جاڳن ٿيون

ڳوٺ جي ميلي ۾،ناچ هلي ٿو پيو
ايريل ڇاتيون ۽ ڇوليون جاڳن ٿيون

❖

رات ڪاري عَذاب ڀوڳيان ٿو
بيقراري عذاب ڀوڳيان ٿو

ٿر جي ٿوهر جيان ٻٽيو جيون
واري واري عذاب ڀوڳيان ٿو

هوءَ اچڻ جو چئي هلي ويئي
انتظاري عَذاب ڀوڳيان ٿو

هن ڪي هڪڙو دفعو ڏٺو هو بس
عمر ساري عَذاب ڀوڳيان ٿو

هن جي لبڙن چريو ڪيو مونکي
توبهہ زاري عَذاب ڀوڳيان ٿو

برف وانگر ڳري ختم ٿي وئي
هن جي ياري عَذاب ڀوڳيان ٿو

سائين منهنجا ”سجاد“ تي هاڻي
ڪر سَتاري، عذاب ڀوڳيان ٿو

❖



www.sindhsalamat.com

سچي حياتي رنو آ، ڪڏهن کليو ناهي
کلي بہ ڪيئن سندس يار جو مليو ناهي

سموري شهر جي ماڻهن ستايو ٿس ڏاڍو
پرينءَ جي پاڙي ۾ گهر ٿس تڏهن لڏيو ناهي

جهلي هو پيرَ ويو آ پرينءَ ڏانهن اچ وچ کان
اداس آهي مگرپاڻ هن پليو ناهي

اندر ۾ پنندو رهي ٿو سڄڻ جا سور سيئي
پڇڻ جي هوندي بہ سور هُن سليو ناهي

هٽي ٿو روز پيو ڏاڍا دلين جا ڏينهن ڏٺي
اجا تہ ڪنهن بہ انهيءَ کي ڪٿي جهليو ناهي

❖

تنهنجو نالو ڪٽندو آهيان
پنهنجو پاڻ کي وٽندو آهيان

تنهنجو نانءُ لکي او سائين
دعا جيان مان پڙهندو آهيان

پاڪ ۽ پوتر سيپارن جان
نانءُ اوهان جو چمندو آهيان

پنهنجي نالي جي چوڌاري
تنهنجو نالو لکندو آهيان

شهر جي چوواٽي تي بيهي
تنهنجي لاءِ مان پڇندو آهيان

سونهن”سجاد“ جي ڪمزوري آ
سونهن جي لاءِ مان سِڪندو آهيان

❖



www.sindhsalamat.com

ٻي سان منهنجو ڇا هي سائين!
سڀ ڪجهہ توسان آهي سائين!

پنهنجو پيار آ پاڪ ۽ پوتر
ناهہ پلي ڪو ناهي سائين!

ڪوڙ ڪِلي ٿو ڏند ڪڍي
سچ چڙهي ٿو ڦاهي سائين!

ڳاڙهي ڳل تان چميءَ وٺڻ جو
ڏس ڏنو آ ڏاهي سائين!

ميراڻي سان محبت ڪر تون
لاڳاپا سڀ لاهي سائين!

❖

ڪارا وار قيد ڪڙولي
تنهنجي چاتي سنڌؤ چولي

نيڻ ڪٽي نهار نہ سانئڻ!
لڳي نہ ڪائي اولي سولي

تنهنجي پيار ائين ڪيو مونسان
جيئن ڪندا هِن هندو هولي

ڪيڏي مرڪ ۾ مام رکيل آ
ڪير سليندو اها پرولي

پيار جو دانُ ونڻ لئہ دلبر
جهلي آيو هان خالي جهولي

❖



www.sindhsalamat.com

ڪاري رات بہ ڪُٽندي سائين!
اجهو باک بہ ڦٽندي سائين!

منهنجي هٿن مان هٿڪڙي هي
ڪَڙي ڪَڙي ٿي ٽٽندي سائين!

تنهجي جواني ڪَرِڙا موڙي
اُوچي ڳاٽ سان اُٿندي سائين!

ميراٽيءَ سان سونهن اوهان جي
ياڪر پائي ملندي سائين!

❖

www.sindhsalamat.com

ڪڪرن ۾ چنڊ آيو آهي
يارن چو گهٻرايو آهي

ڪاري رات ٻه رهندي ڪيسين
صبح ڪنهن موٽايو آهي؟

مومل جي محلات مان هاٽي
ناتر جو سڏ آيو آهي

پيار جو دان وٺڻ آيو هان
تنهنجو ڪهڙو رايو آهي

طعنا مهٽا مون ڪي ڏيو ٿا
هُن ڪي ڪنهن سمجهايو آهي؟

❖



www.sindhsalamat.com

پرين سونهن جي ڪا سخاوت تہ ڪر
اها عاشقن تي عنايت تہ ڪر

هلي آ هلئون سمنڊ پيو ٿو سڏي
تون چولين سان ٿوري شرارت تہ ڪر

ڏسي روز سپنا چو سپنو ٿي وئي آن
صنم پنهنجا سپنا حقيقت تہ ڪر

چو آڪاش ۾ ٿي اڏامي پئي
لهي اڱڻِ تي عنايت تہ ڪر

روئي روزُ رئو چو پئي آلو ڪرين
روئڻ مان چا ورندئي بغاوت تہ ڪر

❖

سور ۾ صدما پئي سهندي اچي
دل تلاش يار ۾ رهندي اچي

مان تہ هن کي پيار مان پوڄان پيو
هوءَ الائي ڇو وري ڊڄندي اچي

پيار جي برسات اڄ ائين وُٺي
ڄڻ تہ ڪڪري ٿر مٿان وسندي اچي

هن جڏهن پاتو دريءَ مان آ لِيئو
سونهن ڄڻ مون ڏانهن پئي لهندي اچي

ساري محفل واهہ جو ٻهڪي پئي
هوءَ جڏهن محفل ۾ پئي ڪلندي اچي

❖

*طرحي غزل



www.sindhsalamat.com

اڪين سان اکڙيون ملائي هلي وئي
عبادت ائين ڪر ٻڌائي هلي وئي

وسي وڏڦڙو پيو نيٽڻ مان منهنجي
جڏهن هوءَ ملهار ڳائي هلي وئي

مان هن جي هٿڙن چمڻ لئي سڪان پيو
الا! هوءَ چپڙا چمائي هلي وئي

اڄان ٿي، اڄان ٿي سگهو مان اڄان ٿي
ائين آسري ۾ رهائي هلي وئي

ڪلهن تي رکي وار آلا جو آئي
اسان کي تہ رڻ ۾ رلائي هلي وئي

سجاد منهنجي شاديءَ تي اڄجان
ائين چئي چمي ڏئي چتائي هلي وئي

❖

www.sindhsalamat.com

پرسان جاءِ رکي وئي آهي
جڻ دل جاءِ رکي وئي آهي

آءِ لو يو لکي ڪاغذ تي
ڪنهن جي لاءِ رکي وئي آهي

مون سان محبت جي سفر ۾
شايد راءِ رکي وئي آهي

تون نہ آئين، آءٌ هلان ٿي
لکي ٻاءِ رکي وئي آهي

❖



www.sindhsalamat.com

دلدار وڏي شيءِ آ
ها پيار وڏي شيءِ آ

ماٺهو تہ مٿي جو آ
ڪردار وڏي شيءِ آ

پل آءُ نہ آءُ پرين
اقرار وڏي شيءِ آ

تون ٿورو مرڪي ڏس
اظهار وڏي شيءِ آ

جت تنهنجا پيرا هِن
سو پار وڏي شيءِ آ

هي سونهن ۽ سوپيا جو
سنسار وڏي شيءِ آ

ديدار جو دَانُ ڏي بس
ديدار وڏي شيءِ آ

❖

www.sindhsalamat.com

نگاھہ سان جوڙنو ٿئين نگاھہ ۾ آھي
ٿڌو جو ساھہ پريو ٿئين تہ ساھہ ۾ آھي

رسي اسان کان پلي شوق پنھنجو کر پورو
رٺو آ جو بہ اسان کان تباھہ ۾ آھي

پتو پوي تہ پرينءَ جا وجي مان پير چمان
ٻڌو آ ھو بہ اسان جي راھہ ۾ آھي

اڳي تہ شوق سان ڏسندا ھئاسين سونھن کي پر
ھاڻي تہ ھک ئي پرين بس نگاھہ ۾ آھي

کوي گھٽائي پڙھيا ٿم يقين سان ٿو چوان
کٿي آ اھڙو مزو جيکو شاھہ ۾ آھي

سدائين سونھن جي پويان”سجاد“ آ پٿکيو
مليو نہ ماڳ آ ان کي اجا تہ راھہ ۾ آھي

❖



www.sindhsalamat.com

اسان جو ڏوھہ ڏسو ٿا ثوابُ پيي ڏسو تہ ڏسو
اسانجي عشق سڳوري جو بابُ پيي تہ ڏسو

ائين ئي کفر جي فتويٰ ڏيو ٿا رندن تي
لکيل کتاب ۾ڇا ھي کتابُ پيي تہ ڏسو

سفيد ويس ۾ ڪرسيءَ تي يار ويٺو آ
اسانجي نيھن جو نيارو نوابُ پيي تہ ڏسو

اکيون اوھان جون پَليون ھن مجان ٿو مان ليکن
انھن اکين ۾ اسان جو خوابُ پيي تہ ڏسو

نظرۥ نظر سان ملي ٿي خمار جي ٿا وجئون
پرينءَ جا نيڻ کٿورا شرابُ پيي تہ ڏسو

❖

www.sindhsalamat.com

ملان ۽ قاضي وڏي ڳالهہ ناهي
دولهہ درازي وڏي ڳالهہ آهي

ڳنڍ ڪول ديدار پنهنجو ڏي سائين!
جو ديدار بازي وڏي ڳالهہ آهي

رسي لوڪ مون ڪان وڃي پل سدائين!
ٿي محبوب راضي وڏي ڳالهہ آهي

سچل جي سبق ۾ خودي آ سمايل
خوديءَ ۾ نيازي وڏي ڳالهہ آهي

سچل ۾ ٻٽائيءَ جي ڪوتا ڪان پو
ڪوتا ايازي وڏي ڳالهہ آهي

سنڌڙيءَ جي سڏ تي ميدان ماري
ٻڻجي جو غازي وڏي ڳالهہ آهي

سوين يار ”سجاد“ سجدا ڏين ٿا
عشق جو نمازي وڏي ڳالهہ آهي

❖



www.sindhsalamat.com

وري تو نيڻ ڪڻي هڪ دفعو نهار پرين!
وري مان جيئرو ٿيو هان وري تون مار پرين!

وري تون منهنجي لبن سان ملاءِ لب اچي
وري ڪو جام اسان کي اچي پيار پرين!

وري مان توڏي اچان ٿو ڏسن ٿا سڀ ماڻهو
وري اسان تي ڪلي ٿي سڄي بزار پرين!

وري جو وار تو چوڙا تہ رات ٿي وئي آ
وري تون وار وڪوڙي سج ايار پرين!

❖

شخص هڪڙو عجيب ئي نڪتو
مون جيان بد نصيب ئي نڪتو

تنهنجو نالو ڪنيم تہ چرڪي ويو
منهنجو شايد رقيب ئي نڪتو

اوپرو! ٿي لڳو هو محفل ۾
پوءِ پڇڻ تي قريب ئي نڪتو

تنهنجي رَئي کي ڪکر مون سمجهيو هو
هاءِ! مون لئہ صَليب ئي نڪتو

مونڏي اکڙيون ڪيئين تہ چاڪ ٿي ويسِ
منهنجو چڻ هو طبيب ئي نڪتو

جو اپيلون ڪري علاج لئہ پيو
سنڌي شاعر غريب ئي نڪتو

❖



www.sindhsalamat.com

هُنَ وٿان جو ٿي ايو هان
سڀ چوَن ٿا پي آيو هان

مونکي منهجو گهر ڳولهي ڏيو
شايدگهٽي ٻي آيو هان

ڪهڙو حال پڇو ٿا منهنجو
مري، مري مان جي آيو هان

ٻيهر دل ٿي ان ڏانهن تانگهي
هيڪر جنهن ڏانهن ٿي آيو هان

محفل منجهہ ڪلي چيائين
ميراڻي! تو پي آيو هان

❖

اُلڪي، اوني، اوسيئڙي ۾
ساهه سدائين ساٿيئڙي ۾

منهنجي مَن جو مالڪ ٿي ويو
منهنجو جاني هڪ ليئڙي ۾

يار جي پار ڪان آيو آهي
اهڙي خوشبو جوڳِيئڙي ۾

هاڻ سمهي پئه يار ميراٽي
تيل ڪپي ويو ڏيئڙي ۾

❖





دردمندن ڪان دور ٿي ويو آ
ڪيڏو هو مغرور ٿي ويو آ

هڪ چميءَ جو سوال ڪيو ٿم
يار صفا وهلور ٿي ويو آ

هو جو اندر آيو آهي
ڪمرو سارو نور ٿي ويو آ

بيماريءَ جي بستر تيڏِسُ
شاعر هڪ مجبور ٿي ويو آ

ڪهڙو حال سجاد پڇو ٿا
اندر چِڪنا چُور ٿي آ

❖

تنهنجي پاڙي کي جڏهن کان جو ڇڏي آيو هان
ڇڻ تہ جنت کان جهنم ڏي لڏي آيو هان

هن محبت جي سفر ۾ تون مون سان گڏ هلندين؟
نہ تہ ٻيو يار سفر لاءِ سڏي آيو هان

منهنجي نيڻن جي شهر ۾ تون اچي رهہ جانان
تو لئہ نيڻن جو نئون شهر اَڏي آيو هان

مونکي پڪَ هئي تہ منهنجي سڏ تي نہ ايندين ٻاهر
دل تي پٿر رکي رقيب گڏي آيو هان

هاڻي منهنجون تون خطائون تہ سيئي بخشي ڇڏ
هاڻي مان ڏوهہ مڃي تنهنجي تڏي آيو هان

❖



www.sindhsalamat.com

سُک نہ کوئي سنبرانجاني!
ڏکن سان ٿو نبران جاني!

تنهنجي گهٽيءَ مان تنهنجي خاطر
هر هر پيو ٿو گذران جاني!

هيڏي ٻاهہ تہ هوڏي پاڻي
کهڙي پاسي اسران جاني!

دل ٿي چاهي سورج ٻڻجي
اولهہ ڏانهن ٿي اڀران جاني!

تنهنجي جدائيءَ ۾ ميراڻي
کامان، پڄران، پڄان جاني!

❖

www.sindhsalamat.com

پرين هليو ٿو وڃي بس ملي ٿي تنهائي
پرين جي ناهي ته مون سان هلي ٿي تنهائي

پرينءَ جي ياد ۾ جلندو رهان ٿو مان هر دم
پرينءَ جي ياد ۾ مون سان جلي ٿي تنهائي

پرينءَ جي ڇيڇ جهلي شهر ۾ مان گهمندو هوس
پرينءَ جان ڇيڇ ونئي ڳڏ رلي ٿي تنهائي

پرينءَ کي ياد ڪري مان اياز کي ٿو پڙهان
پرين ڪتاب کِلي ٿو کِلي ٿي تنهائي

پرينءَ کي شهر ۾ ڳوليان جڏهن ٿو مان
پرين سجاد چريو آ چوي ٿي تنهائي

❖



www.sindhsalamat.com

اسان ته روزو رکيو آ، اکيون رکڻ ئي نٿيون
ڏسن ٿيون سونهن جي سامهون ته ٻوٽجن ئي نٿيون

وياسين يار جي در تي ته بند دروازو
مايوس ٿي جو ورياسين وکون کڄن ئي نٿيون

گهٽو ئي پاڻ پلي، يار پئون ٿا پٽ تي سمهي
بدن سمهي ٿو پوي پر اکيون سمهن ئي نٿيون

زبان تي يار جو نالو ۽ هٿ لکن ٿا پيا
زبان ۽ آڱريون ٻيو ڪجهه چَون، لکن ئي نٿيون

❖

www.sindhsalamat.com






www.sindhsalamat.com

## سوال

اکين تي پٽيون هِنِ
ڪنن ۾ ڪپهه آ
نہ ڪجهه مان ڏسان ٿو
نہ ڪجهه مان ٻڌان ٿو
هٿن ۾ ڪڙيون هِنِ
زبانن تي تالا
قلم ڀي آ قيدي
پيرن ۾ زنجير لوها ڏسان ٿو
عدالت جي ڪرسي تي ڏوها ڏسان ٿو
منهنجو ڀاءُ قيدي
منهنجي ڀيڻ قيدڻ
منهنجا شير ڦاهي چاڙهيا ويا هِنِ
سمورا منهنجا گهر اجاڙيا ويا هِنِ
ايڏو ظلم مون سان
ايڏي آهي تعدي
ٻڌايو ملهايان مان
جشن آزادي
❖





## خط

اوسانئڻ
مان تنهنجا
لکيل خط
سڀ ساڙي
انهن جي رکَ
تنهنجي ئي
ڏنل
زخمن تي
ٻرڪي ڇڏي
❖

## سچ

اڄ صبح جو سچ
ڪني ڪڍي، وري لهي ويو
سيني ماڻهن اهو ڏسي
ٺهڪ ڏنا
۽ چوڻ لڳا تہ
سچ بہ هاڻي
چرچائي تي پوڳ ڪري تو
پر انهن کي ڪير سمجهائي
تہ سچ
سند پرڪارن تي
ايترو شرمائجي ويو آهي
جو ايرڻ تي
دل ئي نٿي چويس
❖





## ستي جتي

منهنجي پاڙي واري
ستي جتيءَ
مون کي سڏي چيو تہ
رات مون کان پاس ٽيڻ جو
تعويذ
وٺي وڃجانءِ
۽
پوءِ
رات جو
اتي بہ مون کي
پاس ڪيو ويو
❖

www.sindhsalamat.com

## واهه وڏيرا!

پاڻ واري وڏيري
پنهنجي ٽنهي ڏيئرن کان
حق بخشرائي ڇڏيو
مگر بعد ۾
هڪ ڊرائيور سان
ڀڄي وئي
ٻي ڪاري ڪري ماري وئي
۽ ٽين چري ٿي پئي

❖



www.sindhsalamat.com

## قرآن سان شادي!

ڪالهه جنهن کي قرآن شريف
سان پرڻايو ويو
سا رات قرآن
کي سيني سان لائي
ڇمي ڏئي
شريف سان
هلي وئي.

❖

## چنڊ چانورن جي ماني

او چنڊ
اوچوڏهين جا چنڊ
منهنجي هن خالي پنڊيءَ
۾ چانورن جي ماني ٿي
لهي آءُ
چوڻ مان ۽ امان
ڪيترن ڏينهن جا بکايل آهيون
تون چانورن جي ماني ٿي
هن پنڊيءَ ۾ آءُ
ته مان ۽ منهنجي امڙ
ٻه ٽي گرهه کائون
او چنڊ آءُ ني
مون کي ۽ امڙ کي ڏاڍي
بک لڳي آ
❖





## ماکيءَ جهڙا لفظ

مون پنهنجي
دوستن جا
ٿوهر جهڙا
لفظ
هڪ ڳيت سان
ڳهي ڇڏيا
پر منهنجي دوستن
منهنجا
ماکي جهڙا مٺا لفظ
چکي به نه ڏٺا
❖

## هوءِمان

سورج مکي جي
گل وانگي
منهنجو منهن تہ سدائين
هن ڏانهن
هوندو آهي
پر هن کي خبر ئي ناهي
تہ ڪو مون ڏانهن
ڏسي بہ نہ ٿو
اهو منهنجو ڏوهہ آيا
هن جو؟
❖





## عشق سلامت

ملان بانگ ڏني
اسان يار کي سڏيو
ملان نماز نيتي
اسان يار کي ٻاڪر پاتو
ملان سجدو ڪيو
اسان يار جو مک چميو
ملان سلام ورائي
ايمان جي سلامتي جي دعا گهري
اسان عشق جي
سلامتيءَ جي دعا گهري
❖

www.sindhsalamat.com

## ڏوڪو

چا جي مرڪ؟
چا جو تبسم؟
ڏوڪو
فريب
فراڊ
فنڪاري
ٺڳي
چالاڪي
منافقي
مڪاري
ٻهروپي
ٻي ڪي
بيوقوف
بنائڻ
جو ڍنگ

❖



www.sindhsalamat.com

## پرينءَ جا رانديڪا

نيل گگن مان
تارا ڇاٽي
هن آڏو رکندو آهيان
تارن کي ڪوڏين جان کڏائي
سرتين سان هوءَ کيڏندي آهي
چنڊ ٻہ هن وٽ بال جيان آ
جنهن سان گڏ هوءَ چال آ ڏيندي
چنڊ کي جڻ احوال آ ڏيندي
سج پرينءَ جو آئينو آ
جنهن جي آڏو ڦٽي ڪٽي هوءَ
پنهنجا وار ناهيندي آهي
پيار جو گيت ڳائيندي آهي
۽ پوءِ تارارقص ڪندا هِنِ
چنڊ ٻہ دف جيان وڄندو آ
سورج پيي پو نچندو آهي
اولھہ پاسي لهندو آهي
۽ پو ڏينهن لهي ويندو آ
۽ پو رات ٺري پوندي آ

❖

## چمي

كالهه
جيكا مون
تو كان
چمي
ورتي هئي
اوتري
مون كان
وَٺُ
چا لاءِ تہ
مان
كنهن جو
حق
نہ كائيندو آهيان
❖



www.sindhsalamat.com

## تون جي آهين مان پي آهيان

اکين بنا انڌو ماڻهو
پيرن بنا منڊو ماڻهو
هٿن بنا ٽنڊو ماڻهو
ڪنن بنا ٻوڙو
وارن بنا گنجو ماڻهو
نڪ بنا ٻينو ماڻهو
چپ بنا گونگو ماڻهو
مانيءَ بنا بکيو ماڻهو
پاڻيءَ بنا اڃيو ماڻهو
ناڻي بنا سڃو ماڻهو
تو بن
منهنجي من جا ميتَ

انڌو، منڊو
ٽنڊو، ٻوڙو
گنجو، پينو
گونگو، ٻڪيو
اجو ، سجو
رهندو آهيان
منهنجا منڙا منهنجا سائين
تون جي آهين مان پي آهيان
تون جي ناهين مان پي ناهيان
❖





## چريوناهيان

تون ٿو چوين ڪريو هان مان
مان ٿو چوان چريو هان تو
ڪير تہ ناهيان ڪريو هان مان
پير تہ ناهيان مير تہ ناهيان
باقي آءٌ ڪيئن ڪريو هان
شاعر آهيان شعر ٿو ناهيان
راتيون جاڳي نور نچوئي
ذات ۽ ذانءَ ڪي لوئي ڳوهي
لفظن ڪي موتين جان پوئي
گيت لکان ٿو آزاديءَ جا
قوم سڄي جا ڳايان ٿو مان
باغي گيت ڳايان ٿو مان

باغي آهيان ڏوهي آهيان
جوئي آهيان سوئي آهيان
شاعر آهيان ڪريو ناهيان
حق لڪان تو سچ لڪان تو
ڪوڙ ڪي ڪانو ڪچ لڪان تو
ڌرتيءَ سان مان پيار ڪيو آ
ڏوهه اهو آ منهنجاسائين
مون ڪي چو تو چريو پائين

❖





## آزادي سان ڳالهه

باٽ اوندهه ۾ لاٽ ڏني مون
ورتيون وئي پئي واٽ ڏني مون
دل جهلي مون سوال ڪيو هي
تنهنجو نالو چاهي پياري
هر ادا تئي ڏادي پياري
جيڪر مون سان ساڻ هلي پئه
جيون مون سان ساڻ رهي پئه
چيائين
منهنجو نالو آزادي آ
مون ڪي جي تون ماڻ چاهين
پنهنجي گهر ۾ آڻ چاهين
رت جي ميندي هٿڻي پوندئي

دل ڪشادي ڪرٽي پوندئي
قدم قدم تي ٽاٽا ايندا
ڦاها ايندا گهاٽا ايندا
جهلي هٿ ۾ ناٽا ايندا
متان تنهنجي هرڪي پئي
متان تنهنجو من چرڪي پئي
پوءِ مونکي تون ڏڱ ۾ رولي
وڪڙي ويهي واٽ تي ٻولي
ان لئہ پهريان دودي کان پڇ
هوشوءَ کان پڇ هيمون کان پڇ
جن وٽ منهنجو ماڻُ متاهون
مون وٽ جن جو شان متاهون
جن سان منهنجا سڳَ اوسائين
جيڪي منهنجا مڳَ اوسائين
❖





## ملڻ جي آس ۾

مان نيرڙي سانجهي
۾ تون ٻاک ڦٽي
تو ٽائين پهچڻ لاءِ
مان سڄي رات
سفر ڪيو
پر تيسيتائين تون
ٽاڪ منجهندجو لاڙو
لنگهي چڪي هيئن
پر پوءِ بہ مان
مايوس نہ ٿيو آهيان
۾ سفر جاري
رکيو پير اڄان
تو سان
ملڻ جي آس ۾
❖

www.sindhsalamat.com

## ڳالهائيندي ڪر

مان پنهنجي گهران
اهو سوچي نڪرندو آهيان
ته اڄ هن کي چوان
ته الله جو نالو اٿئي
مون سان نه ڳالهائيندي ڪر
پر هن جي سامهون
ٿيندو آهيان
ته ابتڙ
هيئن چئي
ويندو آهيان
ته الله جو نالو اٿئي
مون سان ڳالهائيندي ڪر
❖



www.sindhsalamat.com

## پيتا

او پرين!
تنهنجي سونهن کي
مان
گرم، گرم
چميءَ کان سواءِ
کهڙي پيتا
ڏئي سگهان ٿو
تون ئي چئه
او پرين!
❖

www.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com



# ٻه ستا

فقير ٻڍجي تنهنجي در تي آيو آهيان  پرين
خيرات ڏي يا نہ ڏي سامهون سڄڻ جواب تہ ڏي

❖

راحتون سڀ کي رنج ڏئي وئين پرين
کا شڪايت نہ آ گنج ڏئي وئين پرين

❖

سدائين ياد آ تنهنجي سدائين تنهنجو غم
ڪڏهن تہ قرب ڪري اچ، اتي خُدا جو قسم

❖

سڄڻ تنهنجي لاءِ رنم ساري رات
متان ٿي پرياٽ، تہ ٻہ اکيون آليون ئي رهيون

❖

حسن تي ايڏو هَٺُ او سائين!
قائم رڪنديِن ڪيسيتائين؟

❖

رنم ساري رات پرين تنهنجي لاءِ
اچي ياڪر پاءِ، تہ سکن سج ايري پوي

❖



www.sindhsalamat.com

سڄڻ تنهنجي لاءِ رنم سڄو ڏينهن
محبت وارو مينهن، ڪڏهن ڪُٽو ڪينڪي

❖

رنم سارو ڏينهن سڄڻ تنهنجي ڪاڻ
اچي مِلُ تون هاڻ، تہ سورن سج لهي وجي

❖

روئڻ منهنجي تي رحم آيئي ڪونہ عجيب!
نياڻي نجيب، دعا ڪتي هان دل جي

❖

تنهنجي لال لبن تي چميڏيندو هان
جڻ تہ مئخاني مان گهمي ايندو هان

❖

عيد ڏهاڙي پي ڪيم تنهنجو اوسيئڙو
هاءِ هي جيئڙو، ڪيڏو پوڳي ٿو پيو

❖

قسم الله جو پرين! وسريو ناهين تون
ننڊ ۽ جاڳ ۾ مون، تنهنجي آ تسبيح ڪئي

❖

تنهنجي چپڙن تان چمي جڏهن ورتي مون
تڏهن پرين تون، منهنجو مولا ٿي وئين

❖

# ٽه سٽا





سنڌ ، سونهن ۽ سچ سجاد
جتي ٿنهي جي ڳالهه هلي
اُتي تون به اچ سجاد

❖

تنهنجي نيڻن جو شراب
زاهد چيو پيئڻ گناهه
مان چيم پيئڻ ثواب

❖

ڳالهه ٿي وئي ڳوري
منهنجي ڪمري ۾ آئي
الهڙ هڪ ڇوري

❖

گهڙيءَ گهڙيءَ گهاءُ
تنهنجي بي رخيءَ جو
ڪيڏو ڪوسو واءُ

❖

ملان، مير، وڏيرو، پير
شايد چئي پيتو ناهي
سندو ماتا تنهنجو کير

❖

پوڙهپ کئي ٿس تعدي
ڏونڊ وڏيرو
اڃا چوي پيو شادي

❖

غريب هاريءَ جو ننگ
۽ وڏيرو ڳوٺ جو
جيئن مکڙ ۽ ڪٽڪ جو سنگ

❖

سنڌڙي کيو آ سڏ
نعرا هڻي نيهن جا
هلو سڀئي گڏ

❖





ڏسي منهنجي رَتُ
ڀڄي ويئين ڀاڙيا
ناهي تو سان ڀَتُ

❖

ڪالاباغ ڊيم
اڙي حڪمرانو
شيم، شيم، شيم

❖

توبن ساري رات
سانوري
اکين ۾ برسات

❖

توبن سارو ڏينهن
سانوري
اکين وسايو مينهن

❖

ايڏو نه ڪر سِتم
هڪ وار اَچُ
اَٿي الله جو قسمُ

❖

وک وک تي واسينگ جو وَرُ
قدم قدم تي ڪاريهر
پو بہ پچايان تنهنجو گهرُ

❖

ڪيئن ڪندي گهرُ
سورنهن سالن جي ڪنوار
اسي سالن جو وَرُ

❖

ڪيڏي مُٺي ماءُ
ڏاڙيل پُٽُ ڪٽي ويس
ماري ويس ڀاءُ

❖



www.sindhsalamat.com

مڙس ڏي ماني
ڪنيون وجي پئي ڊِند تي
پَلي جي آني

❖

پير ۾ لڳس ڪَنڊو
ڪم ڪان ويو سيڙجي
ٿي پيو آ منڊو

❖

هن جا ڳاڙها لَبَ
ڪن ٿا ڪيڏو ڪَڪِ
واهه منهنجا رَبَّ

❖

هن جا ڳاڙها ڳلَ
چمڻ ٿو چاهيان
راضي ٿئي شَلَ

❖

جيستائين جهانُ
هر ڪنهن عزت لهڻي
هر ڪنهن لهڻو مانُ

❖

نينگر روئي ٿي
عيد وڳي جي لئي
ڳوڙها پوئي ٿي

❖

*صادق سر سنگيت
ورهائي پيو سنڌ ۾
پيار ۽ پريت

❖

*ٿر جو راڳي فقير صادق فقير
(جيڪو هن وقت فوت ٿي چڪو آهي)



www.sindhsalamat.com

# چوسٽا

www.sindhsalamat.com

هُن جي پاڪر جو مون ڪان نہ پڇ تون مزو
هُن جي پاڪر ۾ جنت ملي ٿي پوي
جنهن کي هڪڙو دفعو قرب هُن جو مليو
ان جي قسمت خدا سونهن کُلي ٿي پوي

❖

هن جي ڳاڙهن ڳلن ۽ لبن لئہ نہ پڇ
بس گلن پي اتان ئي ڪيو آ نقل
گل کي سنگهڻ چهڻ جي اجازت اٿئي
هوڏي ويجهو نہ وڃ تون پري پڇ عقل

❖

هن جي پيرن، هٿن جي نزاڪت تہ ڏس
پَٿُ پيرنِ ۽ ريشم هٿن ۾ اٿن
گل جي کهڙي نزاڪت پرينءَ جي اڳيان
گل تہ عاشق آ پيرن هٿن تي مٿن

❖



www.sindhsalamat.com

هن جي زلفن جو مون ڪان نہ احوال پڇ
نانگ ڪارا ڪاريهر ٿو پالي پيو
جنهن بہ ڪاڏواتان ڏنگ هڪڙو دفعو
سو حياتي ڏکن ۾ ٿو جالي پيو

❖

هُن جي نيڻن جو مون ڪان نہ پڇ ڳالھہ تون
هُن جي نيڻن ڏنو آ نشو نينهن جو
جنهن بہ پيتو اتان آهي هڪڙو دفعو
ان کي ناهي پتو رات ۽ ڏينهن جو

❖

هُن جي مرڪڻ جي مون ڪان نہ پڇ تون خبر
هُن جي مرڪڻ تہ دردن جو درمان آ
ڪنهن بہ ڪافر جي ان کي ڏٺو مرڪندي
آندو ان پي انهيءَ وقت ايمان آ

❖

www.sindhsalamat.com

تنهنجي مئخاني مان مخمور ٿين ٿا ڪيئي
تنهنجي نيڻن مان پري جام پيئن ٿا ڪيئي
شل آباد رهي مئخانو اوهان جو ساقي
ان مئخاني سهاري تہ جيئنِ ٿا ڪيئي

❖

صبح جو چمي ڏئي تون هلي ويندي ڪر
پائي پاڪر، پوءِ پلي ويندي ڪر
ڏينهن سارو پو سجايو گذرندو پنهنجو
ڪجهہ سٺي ڪجهہ سلي ويندي ڪر

❖

هاريءَ جي ڪمائيءَ کي ڪپائي ٿو وڏيرو
ريشم جا وڳا روز مٽائي ٿو وڏيرو
مسڪين جي ٻچڙن کي نہ آ دال ميسر
هُت روز ڪڪڙ قورما کائي ٿو وڏيرو

❖



www.sindhsalamat.com

وري هار هارنِ تي آئي آ يارو
وري مار مارن تي آئي آ يارو
وري ٿيو وڏيرو چِٽو آ اسان جو
وري مارئي اڄ سامائي آ يارو

❖

هوشوءَ واري هشمت رک تون
سنڌڙي ساڻ محبت رک تون
مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون
اهڙي همت غيرت رک تون

❖

اسان کي پري ٿيو اسان سان نہ اٽڪو
اسان جو اگر جي لڳي ويو کو جهٽڪو
سنيالي نہ سگهندئو پنهنجو پو پٽڪو
چڱو ٿو چڏي ڏيو تڪرار جٽڪو

❖

www.sindhsalamat.com

پريل کو ٿانءُ خالي چئون اسان ڪان ڪين ٿي سگهندو
ملان کي چو موالي چئون اسان ڪان ڪين ٿي سگهندو
ڀلي باغي اسان کي سڏ مگر ڪن ڪول ٻڌ هيڪر
حراميءَ کي حلالي چئون اسان ڪان ڪين ٿي سگهندو

❖

رات کي ڏينهن چئي نہ سگهبو
ماڪَ کي مينهن چئي نہ سگهبو
ڀل ڪري ڪو ڪيڏي ڪوشش
گدڙ کي شينهن چئي نہ سگهبو

❖

قاتل نہ گهرجن قهاري نہ گهرجن
سنڌين کي مارڻ سي ماري نہ گهرجن
اسان سنڌ جي سينڌ سنوارڻ ٿا چاهيون
ڪالاباغ ڊيم ۽ بهاري نہ گهرجن

❖



www.sindhsalamat.com

پيار کي ڳجهہ ۾ هلائڻ تو گهرين!
واهہ جو محبت ملهائڻ تو گهرين
باهہ ڪگن ۾ بہ لڪندي ڪيتري
باهہ ڪکن ۾ لڪائڻ تو گهرين!

❖

منهنجي ديوانگيءَ تي تو چڙندو نہ ڪر
مون سان توري گهٽي تي تون وڙهندو نہ ڪر
منهنجا سهڻا سڄڻ، منهنجا پيارا پرين
نالي الله جي مون سان رسندو نہ ڪر

❖

اصولن تي سودي بازي نہ ٿيندي
جابر جي آڏو نيازي نہ ٿيندي
ڀلي ڏي ڪفر جي فتويٰ اسان تي
مگر تنهنجي بعيت اي قاضي! نہ ٿيندي

❖

وفائن جي بدلي جفائون ڏئي جو
اهڙي يار کي کير سمجهائي آخر
اسان جنهن کي دم دم دعائون ڏيون ٿا
اُهو چو اسان کي ٿو تڙپائي آخر

❖

وفائن جي بدلي جفائن جا پٿر
اسان کي هٽو ٿا ڇاکاڻ سائين!
ڪٽو پيار واريون اکڙيون اسان ڏي
ڇڏي ڏيو خدارا ڇڪتاڻ سائين!

❖

وفائن جي بدلي جفائون ملن جي
اکڙين مان ڳوڙها ڳڙي چو نہ پوندا
رقيبن سان راضي اسان سان عداوت
جگر جان جيرا سڙي چو نہ پوندا

❖



www.sindhsalamat.com

اڪيلو رهڻ جو مان عادي ٿي ويو هان
سورن سهڻ جو مان عادي ٿي ويو هان
جڏهن کان او جاني اچڻ تو ڇڏيو آ
هر هر روئڻ جو مان عادي ٿي ويو هان

❖

مان هان تنهنجو تون آن منهنجي
توتي مون تي ختم ڪهاڻي
مان هان تنهنجو ڄام تماچي
تون آن منهنجي نوري نماڻي

❖

مان هان تنهنجو تون آن منهنجي
ان ۾ ڪوئي ناهي ماٺو
تون آن منهنجي ڪاڪ جي مومل
مان هان تنهنجي ڪَاڪِ جو راڻو

❖

مان هان تنهنجو تون آن منهنجي
ان ۾ ڪوئي ناهي عار
تون آن منهنجي ساڳي سهڻي
مان هان تنهنجو من ميهار

❖

مان هان تنهنجو تون آن منهنجي
ناهي ٿٽو پنهنجو پيار
تون آن منهنجي سهڻي سسئي
مان هان تنهنجو پنهل يار

❖

منصوري من ڏار او سائين!
ان الحق اچار او سائين!
ڪوڙ جي ٻيڙي ٻوڙي ڇڏ تون
سچ جي ٻيڙي تار او سائين!

❖



www.sindhsalamat.com

جنهن تي راز الستي آهي
عشق جي جنهن کي مستي آهي
درازا جنهن جي وستي آهي
سچل جي سا هستي آهي

❖

سچل سان عقيدت جي اظهار خاطر
منصور ثانيءَ سرڪار خاطر
درازن جي ڌرتيءَ تي ڪيئي اچن ٿا
دولهه درازيءَ جي ديدار خاطر

❖

ڏنو هي سنيهو آ دولهه درازي
جنهن ۾ يار راضي اسان ان ۾ راضي
پلي ڪو چوي ڪيئن ڪو ڪيئن چوي پيو
اسان جو ته ڪم آهي ديدار بازي

❖

اونداهيءَ ۾ گيت اوهان جا روشن تارن وانگر آهن
تنهنجا بيت خزائن ۾ پيي باغ بهارن وانگر آهن
تنهنجو نالو ياد آ هر دم هيڪل وياڪل ناهيان سائين!
تنهنجا بيت تنهائي ۾ پيارن يارن وانگر آهن

❖

ماڻُ آهي سنڌ جو تنهنجي ڪري
ماڻُ تنهنجو ٿو ڪٽان دل تي ڌري
اي پٿائي! تنهنجي بيتن جو قسم
منهنجي من ڪان اڄ بہ تون ناهين پري

❖

ڪوبہ تنهنجو ڪونہ آ ثاني لطيف!
شعر تنهنجو آهي لاثاني لطيف!
بيت تنهنجا آيتون قرآن جون
ناڻُ تنهنجو آهي لافاني لطيف!

❖



www.sindhsalamat.com

آزاديءَ جو هيرو ۽ اڳواڻ سنڌي*
آهي انقلابين جو سرواڻ سنڌي
جتي ظلم واري آهي رات ڪاري
اُتي آهي چوڏهين جي چانڊاڻ سنڌي
*مولاناعبيد الله سنڌي رحہ

❖

ڪنهن جي مال ۾ اڪآ تہ ڪنهن جي لال ۾ اڪ آ
مهيني ۾ ڪنهن جي اڪ تہ ڪنهن جي سال ۾ اڪ آ
افسوس سان ”سجاد“ ڪي چوٽي پوي ٿو
هن دور جي مرشد جي مريد جي زال ۾ اڪ آ

❖

سهڻي جي ٻڏي مون لئہ تہ ميهار مڃيندئو
سسئي بہ سڏي مون کي تہ سردار مڃيندئو
هڪ ڳالهہ پڇي ”سجاد“ اوهان ڪان اي يارو
نوڙيءَ مان ڪيان نانگ صوبيدار مڃيندئو

❖

ڪوئي شهر ۾ خوش آ تہ ڪوئي جهنگ ۾ خوش آ
چيڙين ۾ ڪو خوش تہ ڪوئي چنگ ۾ خوش آ
پريشان رهين تون ڇو اجايو اي ميراڻي!
حلوي ۾ ملان خوش، موالي ڀنگ ۾ خوش آ

❖

آفيس رشوت سندي بازار گرم آ
حرام ڪائي ڇو تہ خدا جو هي ڪرم آ
افسوس سان چوڻو ٿو پوي يار ميراڻي
عربيءَ جي حديثن جو نہ امت کي شرم آ

❖

وڏيري جو ڪردار گندو رهيو آ
ڪرسيءَ جي خاطر هو انڌو رهيو آ
جا ڏي آهي ڏيري تاڏي ڏي ٿو ٿو ڦيري
وڏيري جو هر دم هي ڌنڌو رهيو آ

❖

سنڌ جي ورهائڻ جي ڪن ڳالهہ ٿا جي
ڌرتيءَ جا دشمن ۽ غدار آهين
ڪائن بہ سنڌ جو ورهائن بہ سنڌ کي
لعنت جا هردم سي حقدار آهن

❖





## رنگن جو شاعر سجاد ميراڻي

منهنجي لاءِ اڄ بہ ميراڻيءَ جي ماڙي هڪ تازي ڏٺل خواب جيان آهي جنهن ۾ ويهي سجاد شاعريءَ جي باغ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ نيٺ هو ڪيئي رنگ ڳولهي لهندو آهي رنگ جيڪي اکين جي رنگن جهڙا هوندا آهن جن ۾ بظاهر ڪوبہ رنگ نہ هوندو آهي پر پوءِ بہ اکين ۾ ڪيئي رنگ هوندا آهن اِهي رنگ ڪٽي ڏسي نہ سگهبا هجن، پر انهن جو تصور ضرور ڪري سگهجي ٿو اُهي رنگ آهن خوابن جا رنگ، اوجاڳن جارنگ، اندر جي اوناهين جا رنگ، درد جا رنگ، مرڪ جا رنگ ۽ نہ ڄاڻ ٻيا ڪيترا رنگ جن جو وستار ڪرڻ ئي ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. سجاد ميراڻيءَ جي ڪوتا جا ڪجهہ رنگ اوهان بہ ڏسو.

هر ڪنهن کي تو رنگي ڇڏيو آ
ميـنـديءَ ڏاري ٿي پئي آهين
*
ٻهڪي پيو آهين
جانيءَ جهاتيءَ ۾ رنگ پريا آهن
*
ڏسي سوچ نہ اوچريا!
اکين ۾ سانوڻ هوندا هن هر دور ۾
*
سنڌ سڄي سائي
تون ڇو هيڊو ٿي وئين

خواب پنهنجا وهاڻي جي هيٺان رکي
ننڊ ۾ ڇرڪ ڇو هوءِ پري ٿي پئي

مينديءَ جو ڳاڙهو رنگ،جانيءَ جي جهاتيءَ جو سانورو رنگ، اکين ۾ ساوڻ جو رنگ، مک جو هيڊو رنگ، خوابن جو رنگ،اهي سڀ رنگ زندگيءَ جا مختلف اهڃاڻ آهن ۽ ٻيا به ڪيترا سارا رنگ آهن جن تي سجاد قلم کنيو آهي. منهنجي نظر ۾ سجاد جي شاعري سندس طبيعت جيان بنهه سادي ۽ سلوڻي آهي.

**وسيم سومرو**
نواب شاهه





# ڌرتي ۽ سرتيءَ جو شاعر

شاعريءَ جي سفر ۾ سجاد ميراڻيءَ محبت ۽ محبت سان هڪ ڏگهو سفر طئہ ڪيو آهي ۽ ائين زندگيءَ جي نتهڻ اس ۾ شاعري سندس لاءِ ڇانوري وانگر رهي آهي. سجاد ميراڻيءَ شاعريءَ جي مختلف صنفن تي تمام گهڻو لکيو آهي ۽ مسلسل لکيو آهي ۽ انهيءَ حساب سان سندس ڪتاب ڪي ڪي سال اڳ ڇپجڻ گهُربو هو. مگر پوءِ به هينئر سندس ڪتاب جو ڇپجڻ اسان دوستن ۽ پڙهندڙن لاءِ خوشيءَ جو سبب بڻجندو.

گلابن جو شهر پريالوءِ جتي سرمد سنڌي جي آواز جو حوالو رکي ٿو. اُتي منهنجي خيال ۾ سجاد جي شاعري پڻ سندس هڪ خوبصورت سڃاڻپ آهي. سجاد ميراڻي ئي آهي جيڪو جن ننڍڙي شهر ۾ علمي ادبي سرگرمين جو سالن کان سبب بڻجندو پئي آيو. ”محبت سجاد جي شاعريءَ جو نيوڪليس(مرڪز)آهي. جنهن جي چوڌاري سندس خيالن جا پوپٽ اڏامندا رهندا آهن. ۽ اها محبت ”ڌرتيءَ“ کان ٿيندي ”سرتيءَ“تائين پهچي ٿي. سجاد جي شاعري، اُتر سنڌ جي مشاعرن جي سونهن به بڻجندي رهي آهي ۽ ائين هڪ متحرڪ ادبي ڪارڪن ۽ هڪ سهڻي سيبتي شاعر” سجاد ميراڻي“ جي شاعريءَ جو پنڌ هن ڪتاب جي موڙ وٽ پهچي هڪ نئون روپ اختيار ڪري ٿو وڃي.

**امر اقبال**
چنہ هائوس (خيرپور)

# سرمدَ ۽ بيدل جي مسلڪ جو شاعر

شاعريءَ جي حوالي سان سليم ڳاڙهويءَ جي گلستان جو هڪ گل سجاد ميراڻي، جيڪو منهنجو دوست آهي گهڻ پاسائون ماڻهو آهي. هو هڪ ئي وقت عاشق بہ آ تہ مذهبي ماڻهو بہ ،شاعر بہ تہ، استاد بہ سجادميراني صوفين جي انهيءَ مسلڪ مان محسوس ٿيندو آهي. جن ۾ سرمد، بيدل وغيره اچي وڃن ٿا. جن جا دل گهريا دوست ڪنعيو ۽ اپيچند هئا.اهڙي طرح سجاد جا دوست بہ ائين آهن. سجاد ميراڻي شاعري ڪئي تہ استادن جي رهنمائي ۾ ڪئي هو پاڻ مرادو ڦُٽل گاهہ نہ آهي.پر (جوهرين جو گهڙيل هيرو آهي) غزل ڏسوس تہ فن استاد جو فڪر عاشقجو، ماحول پنهنجو خالص سنڌي ڪٽندو. ماحول جي منظر نگاري اردوءَ جي شاعرن واري ڪتب آڻيندو ۽ غزل ڪانپوءِ سجاد جي وائي تہ سنڌيءَ جي اصلي رنگ ۾ اوهان کي ملندي نعتيہ شاعريءَ ۾ تہ وري پنهنجو مٽ پاڻ آهي. خبر ناهي تہ هاڻي نعتيہ شاعري ڇو نہ ٿو لکي؟ ميراڻي پنهنجي شهر وارن لاءِ استاد ميراڻي ۽ شاعرن لاءِ سجاد ميراڻي ۽ اسڪول جي رجسٽر ۾ غلام حسين ميراڻي آهي. ميراڻيءَ جي ماڙيءَ تي جيڪا سندس لائبريري آهي اتي مرشد سائين حماد الله هاليجوي ﷫ جا ملفوظات ۽ شيخ اياز جو ”ڪَتين ڪر مَوڙيا“ ڪتاب گڏ پيا آہ ائين گڏ پيا آهن جيئن سجاد جي دل ۾ دين ۽ دنيا گڏ پيا آهن. دنيا جي خاني ۾ وري دنيا ڪونهي پر محبت سان پريل دل آهي.”جيڪا ڏڙڪندي تہ سونهن لاءِ ڏڙڪندي“ جو

” سونهن سوا سجاد ميراڻي ڪيئن ڪندو“

**قدير انصاري**
**سکر**





# ريشم جا ٽانڊَ اڪلي رهيا آهن

سجاد جي شاعريءَ جو ڪجيءَ جي پڪل ڏوڪن وانگر رنگ ئي پنهنجو آهي هو لفظن کي پيرُ، پيرَ ۾ ڏياري روشنيءَ ڏانهن سفر ڪرائي ٿو ۽ اوندهہ لاءِ هن جي خيالن ۾ ڌڪار موجود آهي. سندس شعر آهي تہ:

سج نہ سوري چاڙهيو
اونڌهہ ٽي ويندي
اجرا پکي امن جا
پڃرن ۾ نہ واڙيو
اونڌهہ ٽي ويندي

سجاد ميراڻيءَ جي شاعريءَ مان بک جو درد، ڌرتيءَ جي محبت، رسمن جي بي حسي ۽ دلين جي مجبوري ٽمندي نظر اچي ٿي پر پوءِ بہ ڪٿي ڪٿي عادت کان مجبورٽي،هو اهريون سٽون لکي ٿو جو الهڙ پن جون سموريون ادائون فلم بند ٿو ڪري ڇڏي.

سمنڊ ڪناري تي سانجهيءَ ويلي جو
ڪوڙ حسينن جون ٽوليون جاڳن ٽيون
ڳوٺ جي ميلي ۾ ناچ هلي ٿ پيو
اپريل چاتيون ۽ چوليون جاڳن ٽيون

يا مذهبي ٻانگن کي سونهن جون عظمتون مڃائڻ لاءِ چوي ٿو تہ:

ڇو واعظ تو ٽوڪين مونکي پلا
سونهن ۽ سچ کي ٽاريو ڪيترو
زهر هن جي هٿن مان ٿو هر هر ملي
نيٺ پيئبو پرين هاربو ڪيترو

مطلب تہ سجاد سجيلو شاعر آهي. سجاد سهڻو ۽ سنو شاعر آهي. سجاد سونهن سچ ۽ سنڌ تي اهڙو سهڻو لکيو آهي جو جڏهن ان جي شاعريءَ کي اکيلجي ٿو تہ ائين ٿو لڳي ڄڻ ريشم جا تانَ اکلي رهيا آهن

**شوڪت نوناري**
خيرپور





## گلابن جي شهر جو شاعر

گلابن جي شهر جي ساعر سجاد ميراڻيءَ سان منهنجو پهريون تعارف پريالوءِ ۾ ه قوم پرست جماعت جي عام جلسي دوران ٿيو هو. ان جلسي جي اسٽيج تان جڏهن سجاد پنهنجو نظم ”آزادي“ پڙهيو تہ سندس نظم جلسي ۾ موجود سنڌ جي آزاديءَ جو خواب ڏسندڙ هزارين نوجوانن جي حوصلن کي همٿايو هو ۽ نوجوانن آزاديءَ جا نعرا هڻي پنهنجي عزم کي ورجايو هو. ان جلسي کان وٺي هن وقت تائين مان سجاد ميراڻيءَ سان ڪيترن ئي ادبي پروگرامن ۽ مشاعرن ۾ گڏ شيڪ ٿيو آهيان ۽ جتي بہ هن پنهنجي شاعري پڙهي آهي موٽ ۾ ڀرپور داد ۽ مڃتا حاصل ڪئي آهي. سجاد ميراڻيءَ کي مليل اهو داد ۽ مڃتا سندس سٺي شاعري هجڻ جو اعتراف بہ چئي سگهجي ٿو.

سجاد ميراڻي کي جيڪڏهن سنڌ، سونهن ۽ محبتن جو شاعر چئجي تہ غلط نہ ٿيندو. سندس شاعري ۾ زندگيءَ جا سمورا رنگ سمايل آهن. جيتوڻيڪ سجاد جي گهڻي شاعري محبت جو موضوع تي آهي پر تنهن هوندي بہ هن ٻين سماجي ۽ معاشرتي مسئلن تي بہ اثرائتي انداز ۾ لکيو آهي. سندس محبت جي موضوع تي لکيل شاعري ۾ اوجاڳا اوسيئڙا، وڇوڙو، ميلاپ مطلب تہ محبت ۾ ملندڙ سمورين خوشين توڙي پيڙائن جا منظر ملن ٿا.

سجاد ميراڻيءَ هن وقت سنڌي ساعري ۾ مروج تقريبن سڀني صنفن ۾ لکيو آهيپر وائي ۽ غزل ۾ هن پنهنجي احساسن کي وڌيڪ اثرائتي انداز سان بيان ڪيو آهي. سندس شاعريءَ جوانداز تمام سادو آهي. هن پنهنجي احساسن ۽ جذبن کي شاعريءَ جو روپ ڏيڻ لاءِ تمام سادن ۽ سولن لفظن جي چونڊ ڪئي آهي. ۽ پنهنجي شاعريءَ وسيلي انتهائي سادي ۽ سولي نموني سان زندگيءَ کي سمجهيو ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مون سجاد ميراڻيءَ جي نہ صرف شاعريپر هن جي شخصيت کي بہ انتهائي ويجهڙائي کان پرکيو آهي. سندس شخصيت ۾ اُهي سڀ خوبيون موجود آهن جيڪي سندس شاعريءَ ۾ نمايان نظر اچن ٿيون. سجاد ميراڻي شاعري توڙي شخصيت جي حوالي سان پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو.

**سميع ڪنڌر**
پريالوءِ



www.sindhsalamat.com

## ”سجاد ميراڻي“ هڪ اديب ۽ شاعر

پريالوءِ جي سرسبز سهڻي شهر سان واسطو رکندڙ نوجوان جذبن جو شاعر”سجاد ميراڻي“ شاعريءَ جي ميدان (Poetic field) ۾ پنهنجي انفرادي حيثيت رکي ٿو. سندس مُکَ تي مُرڪَ جيان شاعريءَ ۾ بہ من موهيندڙ ۽ معصوم رنگ سمايل آهن.

”سجاد ميراڻي“ سٺي ساعر هجڻ سان گڏ هڪ سٺو انسان بہ آهي. سندس آزاد سوچ هن کي اعليٰ شاعرن جي صف ۾ بيهاري ٿي ۽ پرينءَ جي پونءِ سان سندس اٽوٽ رشتو ڪَوِتا کي آڪاش گنگا جهڙو سُندر بڻائي ٿو.

**ڪي ايل ”ڪندن“**
پرينءَ لوءِ

## (سچ ۽ سونهن جو شيواداري) سجاد

سائين سجاد ميراڻي منهنجو ننڍپڻ جو دوست ۽ استاد آهي. جنهن مونکي سنڌي ادب متعارف ڪرايو. سجاد ڪلٽو، سدائين پيار ورهائيندڙ سونهن جو متلاشي جتي سونهن ڏسندو ته ويهي رهندو جنهن جو سائين پاڻ اعتراف ڪري ٿو ته:

سونهن سوا سجاد ميراڻي ڪيئن ڪندو!

باقي شاعريءَ جي حوالي سان سائينءَ جيڪو سفر ڪيو آهي. اهو اڄ اسان جي هٿن ۾ آهي ۽ اها آس آهي ته هي ڪتاب ادبي ڪيتر ۾ املهه رتن جي حيثيت ماڻي.

**ڪلياڻ ڪتهڙا**
پريالوءِ



www.sindhsalamat.com

## "حساس جذبن جهڙو شاعر"

شڪيل پريالويءَ جي شهر جي مٽيءَ سان تعلق رکندڙ حساس جذبن جهڙو حساس شاعر سجاد ميراڻي ڏات جي ڏيهه ۾ پنهنجي سوچن جو سنسار ڪٽي پهتو آهي. اُهي سوچون سندس سرتيءَ سُهڻي ڌرتيءَ جيان جرڪي رهيون آهن. جن جي مٿان سندس پيار جو گهاٽي وڻ جيان چانورو نظر اچي رهيو آهي. اُنهيءَ چانوري هيٺان پنهنجي زندگيءَ جي ورقن تي يادن جي قلم سان مدت ڪان وٺي لکندو رهيو آهي. پر ٿڪيو ناهي! پر ٿڪجي ڀي ڇو؟ هُو ڪو لالڪ جو آرسي ته ناهي! هُو هڪ شاعر آهي. هُو هڪ حساس رکندڙ انسان آهي. مان ڪيس لڳ ڀڳ ٻن سالن ڪان سُڃاڻان ٿو. هُن ۾ اُهي سڀ ڳالهيون ۽ سڀ رنگ موجود آهن جيڪي هڪ سُٺي انسان ۽ سُٺي شاعر ۾ هجڻ گهُرجن. شاعريءَ جي حوالي سان هُن جيترو مُون کي متاثر ڪيو آهي. آءٌ ان جو بيان نٿو ڪري سگهان. هُن جي هرلفظ ۾هر سِٽ ۾ هر شعر ۾ هر غزل ۾ چا ته خوبصورتي چا ته رواني چا ته ڪشش آهي. جنهن جو مثال ئي نٿو ملي! سندس شاعريءَ مان دل کي ڇُهندڙ مَن کي موهيندڙ ڪُجهه سٽون چونڊ ڪيو اٿم. جيڪي هيٺ بيان ڪيان ٿو:

موت منڙا وڄائجي نه وڃين
پيهه آهي ته ڳاهجي نه وڃين
ٻَرُ پِلي تون مگر! حفاظت سان
ه هوا ۾ وسائجي نه وڃين

ڏاهـــــپ کـــــي ڏانـــــوڻ
هُـــونـــدا هـــن هـــر دور ۾
هـــڪـــڙي ســيـــتـــا ڪـــونـــہ هُـــئـــي
ســــــيـــــــتـــــــا ۽ راوڻ
هُـــونـــدا هـــن هـــر دور ۾

انصـــاف ڪـــري ســـگـــهـــنـــديـــن!
دل صـــاف ڪـــري ســـگـــهـــنـــديـــن!
مـــان ڏوهـــہ مـــيـــجـــان بـــہ ڪـــٽـــي
تـــون مـــعـــاف ڪـــري ســـگـــهـــنـــديـــن!

سجاد ميراڻي اُنهن حقيقت پرست شاعرن مان آهي. هن ڪڏهن بہ ڪوڙ آڏو پنهنجو ڪنڌ جهُڪائڻ سچ جي توهين سمجهي. زندگيءَ جي لاهين چاڙهين ڪي پاڻيءَ وانگي جهاڳيندڙ هي شخص توڙي جو رات جي رستن وانگي تنها رهيو آهي. پر مايوس ناهي! چو تہ تنهائي شاعر جي سهيلي هونديي آهي. جيڪا محبوب جيان بيوفا نہ وفادر آهي. بيوفائن جي ديس ۾ وفائن جو راهي سجاد ميراڻي! پنهنجي منزل ماڻي چڪو آهي. سندس احساس شاعريءَ جو روح ٿي چُڪا آهن. سندس خيالن جي آڏار آسمان ڪي ڇُهي چُڪي آ. اِن ڪان وڌيڪ خُوش نصيب ٻيو ڪير ٿي سگهندو!

**جاويد پنهور**
خيرپور ميرس





## پيار ۽ حق سچ جا ڳل چئيندڙ شاعر
## "سجاد ميراڻي"

جيئن تہ روح مان قُتل شاعري روح جي گهراين ۽ ان جي اُڻ تُڻ ٻيڙا ۽ فڪر جي ترجماني ڪندي آهي.سجاد ميراڻي جي شاعريءَ بہ گهڻي قدر اهڙن جذبن سان پرپور نظر اچي ٿي. سندس شخصيت منٺي مانيٺي خوش مزاج ۽ محبتي جذبن سان پرپور آهي جنهن ڪي منهنجي ڳالهہ تي پتِ نہ اچي تہ اهو پريالوءِ ۾ وجي سجاد ميراڻي سان ملي ۽ پڪ ڪري ۽ سندس شاعري ٻڌي ۽ پڙهي. جا بہ شيءِ جو بہ آواز،جا بہ ياد ، جيڪا بہ محبت، جيڪو بہ سڌ روح سان تعلق رکي ٿو اُهو هميشہ دائم قائم رهي ٿو. مان تہ ائين چوندس تهسجاد ميراڻيرڳو شاعر ن پر روحن ۾ رهندڙ ياد بہ ٿي سگهي ٿي. سندس شاعريءَ ۾ پيار ۽ حق ۽ سچ جي ڳالهہ ظاهرنظر اچي ٿي. سجاد ميراڻي مهمان نواز، محبتي ۽ حق ۽ سچ منهن تي چوڻ وارو ماڻهو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اساندوستن سان محفلن مشاعرن، گڏجاڻين ۾ اهڙيون تہ حق ۽ سچ جون ڳالهيون ڪندو آهي جو موڳن جهڙن مزاحيہ پسند ماڻهن جا وات پٽجي ويندا آهناهڙي طرح مزاج پروري ۽ محبت نوازيءَ جي ڪري سندس گهر جا ڀاتي بہ هن ڪي محبوب دوست سمجهندا آهن. مان سمجهان ٿو تہ هن جي شعري ڪتاب ڪي ڏسي اسان دوستن سان گڏ سجاد جي گهر جا ڀاتي بہ تمام گهڻو خوش ٿيندا.

**مير صوبدار سعيد**
(خيرپور ميرس)

# سجاد! نوانڻ جي هٻڪار آڇي ٿو

سجاد ميراڻي هڪ اهڙو دل گهريو شاعر آهي. جنهن کي ڪنهن روايتي تعارف ۾ شايد نہ آڻي سگهجي. سجاد جي شاعريءَ ۾ تجربنجي درد جي ڪوڙاڻ پريل آهي. ۽ سندس شاعري زماني جي درد جو ايڪس ري آهي. شاعريءَ ڪي سٽن ۾ اهڙو تہ درد ٿو اوتي جو ريڊرس جو اکيون ڇُلڪي ٿيون پون. ۽ سندس هر سٽ اسان جي اندر ۾ تير وانگر کُپي ٿي وڃي ۽ اندران بي اختيار واھ واھ نڪري اچي.

هي شارٽ ڪٽ جو ڳولائو نہ پر هڪ مستقل ۽ سچي رستي جو راهي آهي، هڪ اهڙي واٽ جو مسافر آهي جتي پيار. بدران ڪنڊا ۽ ڪاوا عاشقن جا پير لهو لهان ٿا ڪن پر پوءِ بہ عاشق شاهہ سائينءَ جي شعر جي سٽ.

جن ريءَ سري نہ ساھ،
رتي رس نہ تن ڪان

جهڙي ڏکهي ۽ اذيتناڪڪيفيتن مان گذرن ٿا ۽ پنهنجي اندر جو زهر سٽن ۾ اوتي اهڙيون تہ ميچوئر تخليقون سرجن ٿا جو دنيا دنگ رهجي ٿي وڃي.!

سجاد روايتي ورجاءَ بدران نوانڻ جو قائل پئي رهيو آهي. ۽ ريڊرس کي پاروتن خيالن بدران نوانڻ جي هُٻڪارآڇي ٿي. جنهن جي ڪري هن جي شاعري پنهنجي هم سفرن ۾ هڪ اوچو مقام رکي ٿي.





سجاد شاعريءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪمزور ۽ بي جان ڪافين جو سهارو نٿو وٺي بلڪ سگهارن ۽ ٺهڪندڙ ڪافين جي چونڊ ڪري ٿو. جيڪا هڪ سُٺي ۽ ميچوئر تخليقڪار جي اهم خوبي آهي. هن جي شاعريءَ ۾ پهاڙيءَ ندي جهڙي رواني آهي جيڪا ڪڏهن بہ رڪٽي ناهي......

**حسن شيخ**
**ميرعلي بازار خيرپور**

# سجاد ۾ شاهه لطف اللّٰه قادريءَ جي
# پيرن جي خاڪ

سجاد ميراڻيءَ جو نالو شاعريءَ جي دنيا ۾ پنهنجي جاءِ تي هڪ حيثيت رکي ٿو. سندس شاعري ٻڌڻ ۽ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ۽ محسوس ٿيندو ته ”پرين جي لوءِ“ جو هي شاعر، شاهه لطف الله قادريءَ جو تسلسل ته نه. پر ان جي پيرن جي خاڪ ضرور آهي. شاهه لطف الله قادريءَ جو نالو مون ان لاءِ کنيو جو هو به ”پرين جي لوءِ“ يني پريالوءِ جو شاعر هو. ۽ ان جون وايون ۽ بيت ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ تمام اهم جاءِ والارن ٿا اهڙي طرح سجاد جي شاعري به پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

هونئن ته سجاد ميراڻي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ هڪ مزاحيهقسم جو ماڻهو آهي. جتي به هوندو اتي خوشيءَ ڪل هوندي. ائين به ناهي ته هو صرف مزاحيه ماڻهو هي.پر ان سان گڏ هڪ باهمت ۽ شعور ڏيندڙ ۽ دلجاءِ ڏيندڙ شاعر آهي. جيئن سندس هڪ وائي آهي ته :

متان مرجهايو!
ڳاڙها گل گلاب جا

سجاد هن وائي ۾ هڪ بي باڪ بهادر جيان پنهنجي ساٿين کي دل ٻڌرائي ٿو ۽ چوي ٿو ته:

مالهيءَ من ۾ ميرُ آ
متان دل لاهيو
ڳاڙها گل گلاب جا

اياز هڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته نوح جي ٻيڙي ۾ ڪوئي



www.sindhsalamat.com

شاعر ضرور هو نه ته ايڏو عرصو جانور پڪي ۽ انسان هڪ ٻيڙي ۾ گڏ رهي نه سگهن ها. مان صرف ايترو چوندس ته اهو شاعرسجاد جهڙو ضرور هوندو ته ٻيڙي ۾ ويٺلن کي شاعري ٻُڌائي دل ٻڌرائي همٿايو به هوندو.

**شڪيل پريالوي**

www.sindhsalamat.com

# سچ، سونهن ۽ سنڌ جو شاعر سجاد

سجاد ميراڻي سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪو نئون نانءُ ڪونهي، منهنجي ٿهيءَ جا شاعر جڏهن ادب جي الف ۽ شاعريءَ جي ش کان بہ واقف نہ هئا تڏهن بہ سجاد جو ادبي دنيا ۾ وڏو ڏانءُ هو پريالوءِ جي مذهبي ماحول ۾ رهندي بہ سجاد انتهاپسندي ۽ دقيانوسي خيالن کان پري رهيو آهي توڙي جو هڪ مذهبي پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهندو آيو آهي پر ان جي باوجود بہ هن سنڌي شاعريءَ ۾ نواڻ آندي، سجاد ميراڻي جي شهر پريالوءِ ۾ ٿيندڙ ادبي تقريبن ۾ جتي استاد بخاري، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، تنوير عباسي، رسول بخش پليجو، تاج جويو، سرڪش سنڌي، نثار بزمي، سليم ڳاڙهوي، تاج بلوچ،تاجل بيوس، زخمي چانديو، خاڪي جويو، محمد خان مجيدي، احمد خان مدهوش، نور احمد ميمڻ، انور پيرزادو، ادل سومرو، ايازگل،نثارڪوڪرءِ غلام رسول سهتو ۽ سنڌي ادب جون ٻيون ڪوڙ ساريون ناليوارايون شخصيتون شريڪ ٿي چڪيون هجن تہ ظاهر آهي تہ اهڙين تقريبن ۽ محفلن جي ڪا گهڻ اهميت ڪانہ هوندي ۽ اهوسجاد ميراڻيءَ جي شخصيت جوئي ڪمال آه. جنهن اهڙيون محفلون رچايون ۽ رچائيندو اچي ٿو.

سجاد جون ادبي خدمتون پنهنجي جاءِ تي پر بنا وڏاءَ جي سجاد هڪ پختي ۽ پلوڙ شاعر جي طور بہ پاڻ کي سنڌ ۾ نمايان رکڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي. سندس شاعري جي شروعات هن جي پنهنجي اپيچند ۽ ڪنعيي جي حسن جي ساراهہ سان شروع ٿئي ٿي. ۽ حقيقي سونهن ، سچ، سنڌ سان عشق تائين رسي ٿي. سجاد جي شاعريءَ مان سونهن، سچ ۽ سنڌ جو ذڪر ليئا پائيندي نظر اچي ٿو.



www.sindhsalamat.com

سنڌ، سونهن ۽ سچ سجاد
جتي ٿنهي جي ڳالهہ هلي
اتي تون پيي اچ سجاد

سجاد ميراڻي يارن جو يار، دوستي ۽ روين ۾ وٿس عمر جو ڪوبہ فرق نہ هجڻ ۽ ڪنهن بہ قسم جي وڏائيءَ کان مٿاهون هجڻ سجاد جون وڏيون خوبيون آهن.

سجاد منهنجو پڳ مٽ يار آهي ۽ آءٌ سندس شاعريءَ جو مداح بہ آهيان.سندس شاعريءَ جي ڪتاب تي مان اسلام آباد کان پريالوءِ اچي سندس ماڙيءَ تي ويهي قلم ۽ ڪاغذ وٺي پنهنجي دل جون ڳالهيون لکيون اٿم شل سجاد کي پسند پون گڏوگڏ منهنجي دعا آهي تہ سجاد جو قلم اجا بہ وڌيڪ سگهہ ماڻي.

**شاڪرسولنگي**
اسلام آباد
20.9.2005

## ”سجاد ميراڻي“
## سنڌي شاعريءَ جي سونهن آهي

اسان جي محبتي ۽ ڪلڻي استاد سائين”سجاد ميراڻي“ جي پيار جي پورهئي يعني پهرين شعري مجموعي” دلدار وڏي شيءِ آ“ جي تاثراتي صفحن لاءِ مون ناچيز کي بہ لکڻ جو موقعو مليو آهي ۽ انهيءَ موقعي جو فائدو وٺندي، مون جڏهن ڪاڳرن جي ڪينواس تي سجاد جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي ڪجهہ سٽون لکڻ لاءِ پاڻ کي سوچن جي سمونڊ ۾ اڇلايان ٿو تہ منهنجون سپئي سوچون دنگ رهجي وڃن ٿيون. ڇو تہ مون پنهنجي شاعراڻي زندگيءَ ۾ سجاد جي شخصيت تہ شخصيت پر شاعري بہ هر موڙ تي پرفيڪٽ ڏٺي/ٻڌي آهي، ۽ منهنجو اهو عقيدو آهي تہ مڪملشاعري اهو ئي ڪري لکي سگهي ٿو، جيڪو پنهنجي لفظن سان ڪميٽڊ هجي ۽ سجاد سڄڻ تہ اهو سگهارو شاعر آهي. جنهن کي آءٌ تہ سدائين ”هر فن مولائي“سڏيندو آهيانۀ سڏڻ بہ گهرجي ڇاڪاڻ تہ غزل هجن يا وايون، ٿيڙو، بيت، نظم،دوها، چوسٽا يا نعتونسجاد جنهن بہ صنف تي لکيو آهي سو خوب نہ پر ”خوب ترين“ لکيو آهي ۽ هيءُ تہ وري انهن شاعرن مان بہ هرگز ناهي جيڪي ڪوڙيون يا سستيون شُهرتون حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ تي رسالن جا ڪارنر شايع ڪرائيندا آهن يا وري پنهنجي ڪيسي مان ڏوڪڙ خرچ ڪري پاڻ سان رهاڻيون رچرائيندا آهن ۽ هڪڙو اعتراف اجان ڪندو هلان تہ هيءُ ريل بوگو ٽائيپ شعر لکڻ کان وڌيڪ ترجيح هڪ معياري سٽ سرجڻ کي ڏيندو آهي.تنهن ڪري هتي اهو خيال آسانيءَ سان پيش





ڪري سگهجي ٿو تہ سجاد ميراڻي جو هيءُ ڪوتا جو ڪتاب” دلدار وڏي شيءِ آ“سنڌي ساعرتيءَ جي تاريخ ۾ هڪ خاص جڳهہ ضرور والاريندو. ڇاڪاڻ تہ هن ڪتاب ۾ جيڪا بہ شاعري شامل آهي سا شاعري پيار جي پڪين جهڙي بلڪل نرم، نازڪ ۽ ڪنهن ڪنواري جسم جيان گرم آهي. تنهنڪري هيءُ ڪتاب پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي درياءَ پار رهندڙ ”روحن“ ڏانهن بہ موڪليو گفٽ طور..........!!!!

روشن شيخ
ڪوٽ پل

# سجاد جي شاعريءَ ۾ حاجي احمد ملاح جهڙي شاعريءَ جا رنگ

خبر ناهي سجاد ميراڻي پاڻ کي سنڌ جي چند ”لبرل مُلن“ ۾ شمار ڪري ٿو يانه پر مون کي هڪ ڳالهه جي پڪ آهي ته جيڪڏهن توهان کي اڄ جي دور جي ڪنهن متوازن شخصيت سان ملڻو آهي ته پوءِ سجاد سان ضرور ملو. پنهنجي شاعري، دوستي، سياءَ ۽ اٿڻي ويهڻيءَ ۾ مذهب ۽ عشق جو امتزاج رکندڙ سجاد اسان جي پرپالوءِ جو اهو شاعر آهي جنهن جي نعت ۽ حمد ۾ توڙي وائي، نظم ۽ گيت ۽ غزل ۾ هڪ جهڙي نواڻ، پختگي ۽ هم آهنگي ملندي. مون کي سندس شاعري ۾ حاجي احمد ملاح واري ورائٽي هميشه نظر ايندي رهي آهي.مزي جي ڳالهه اها آهي ته جنهن فني Processمان گذري سجاد شاعر بڻيو ان کي ڏسي سندس شاعريءَ ۾ فني پختگيءَ جي حوالي سان به حاجي احمد ملاح وارا رنگ نمايان نظر ايندا آهن. مون جنهن توازن جي ڳالهه ڪئي اهو صرف شخصي نه پر نظرياتي به آهي. سجاد جي مذهب ۽ عشق ۾ ڪڏهن به نظرياتي ٽڪراءُ نه ٿيو آهي. ۽ هو فيض جي ان نظم جي ابتڙ آهي ته

کبھی عشق کام کے آڑے آتا رہا
کبھی کام سے عشق الجھتا رہا





هو ڪم ۽ عشق کي گڏوگڏ هلائي ٿو ۽ ٻنهي مان ڪنهن کي به تنگ ٿياڏورو نه ٿو ڇڏي.سجاد جي ماڙي/اوطاق پڻ هميسه ان توازن جو ڏيک ڏيندي آهي ته اتي ايندڙ مهمان پڻ ان ڳالهه جي شاهدي هوندا آهن ان جي مهمانن ۾ ”تاجل بيوس“ کان مولانا خالد محمود سومرو تائين ۽ سرمد سنڌي ۽ نور احمد ميمڻ کان وٺي بلوچستان ۾ جي يو آءِ جي وزيرن تائين مختلف پس منظر وارا ماڻهو هميشه نظر ايندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته مختلف نظرين ۽ خيالن وارن ماڻهن کي گڏ ويهڻ جو موقعو به سجاد جي ماڙيءَ تي ملي ويندو آهي. پرپالوءِ سنڌ جي انهن گهٽن شهرن مان هڪ آهيجتي هندو،مسلم پائيچارو مثالي حد تائين موجود آهي ۽ ان مثالي پائيچاري جا ڪجهه اولڙا به سجاد جي ماڙيءَ يا ماڙيءَ کان ٻاهر سندس پنهجن نڪاڻن تي نظرايندا آهن. پرپالوءِ ۾ سندس ذاتي واسطن جو اهو حال آهي جو اسڪول يا ماڙيءَ کان گهر پهچڻ تائين ڪيس هڪ ڪلاڪ لڳي ويندو آهي ۽ هو ان دير جو ازالو وري تيز تيز گهمي ڪندو آهي.

هنن سيني ڳالهين جي آخر ۾ آئون هڪ ڳالهه ضرور ڪرڻ چاهيان ٿو ته اسان جي شهر ۾ علم، ادب، شاعري ۽ ادبي سرگرمين کي فروغ ڏيڻ توڙي ادبي دنيا ۾ نون ايندڙن لاءِ پڻ سجاد جو ڪردار نهايت شاندار آهي. پرپالوءِ ۾ مون جهڙن ڪيترن ئي سِڪڙاٿ اديبن ۽ شاعرن يا ادب دوستن لاءِ سجاد کان ڏاڍو يا ڳانو ٻڌرائڻ اڄ به فرض آهي.

**نيازنديم**
اسلام آباد

www.sindhsalamat.com

# ها !پياروڏي شيءِ آ

سائين سجاد ميراڻي جيئن ته منهنجو مامو آهي جنهن جي شخصيت ، فن ۽ فڪر تي ڪجهه لکڻ مان پنهنجو فرض ٿو سمجهان چو ته مان ، ماما سائينءَ کان شاعريءَ جون Tips وٺندو رهندو آهيان.

جيئن ته شاعري وارو ڳسُ هڪ اهڙو ڳسُ جنهن تي هلڻ سان دل جون تارون ردم ۽ ترنم سان وڄڻ لڳن ٿيون.سو سائين سجاد جي ساعريءَ ۾ اهڙو ردم ۽ ترنم موجود آهي جنهن جي شاعري ٻڌڻ ۽ پڙهڻ سان ماڻهو جهومي پئي ٿو.

سجاد ميراڻي جي ساعريءَ ۾ سنڌ، سونهن ۽ سچ جا آلاپ سمايل آهن. پيار سندس شاعريءَ جو گهڻو ٺڻو موضوع رهيو آهي جيئن سندس شعر آهي ته:

دلــــدار وڏي شـــــيءِ آ
هـــا پــيــار وڏي شــيءِ آ
مـــاڻـهـــو تـــه مـتــيءَ جـو آ
ڪـــــردار وڏي شــــيءِ آ

سجاد جيئن ته پيار کي سڀ ڪجهه سمجهندو آهي انڪري هن جا ڪيترائي مخلص دوست آهن. ڌڻيءَ در دعا آهي ته سنڌ، سچ ۽ سونهن تي لکندو رهي ۽ پيار کي ورهائيندو رهي.

**معصوم ميراڻي**
پريالوءِ



www.sindhsalamat.com